# Shah Abdul Latif of Bhit

## H.T. Sorley

## Translation in English

## Book 2: Chapter 7

## Tassawuf By the Lower Indus

Gul Hayat Institute

## &

## Book 3: Poetry

شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام

# ترجمو ايڇ ٽي سورلي

## ڪتاب پهريون:

## ادب ۽ تنقيد

## باب ستون

## سنڌو درياءَ جي هيٺين ماٿريءَ وارو تصوف

## ڪتاب ٽيون

## شاعري

Gul Hayat Institute

# کتاب ٽيون

## شاعري

Shah of Bhit Sorley

## باب ستون

## سنڌ ۾ تصوف

### Tassawuf By the Lower Indus

سنڌ ۾، عام ماڻهوءَ جو تصوف جي سلسلي ۾ طرز عمل، شاعرن ۽ مذهبي عالمن جي سوڌيل ۽ سنواريل طريقي کان بلڪل مختلف هو. تصوف، پنهنجي تاريخي تسلسل ۾ جيڪي تبديليون سَٺيون تن کي اسان اڳ ۾ ظاهر ڪري آيا آهيون. سنڌ ۾ تصوف جي سلسلي جيڪا ترقي ڪئي ان جي تفصيل کي پيرائتو بيان ڪرڻ ممڪن ڪونهي. جڏهن تصوف عملي طريقي جي شڪل ورتي ته ان جو لاڳاپو ڪيترن قسمن جي درويشن ۽ فقيرن ڏانهن ٿي ويو. تاريخ طاهريءَ ۾ لکيل آهي ته شيخ المشائخ، شيخ پير پٺي (Shaikh Patha) جي مزار کان سواءِ ڏھ ٻارهن مزارون (ٺٽي ۾) ٻيون به آهن، جتي درويش پنهنجو ناچ

Gul Hayat Institute

ڪندا آهن. اهي وجداني (جذباتي) ماڻهو پاڻ ئي پاڻ ڪي اهڙي ته مقدس وجد ۾ آڻي ڇڏيندا آهن جو بيخبر ٿي ويندا آهن، جو پاڻ کي مڪليءَ جي پهاڙيءَ جي پٿرن سان وڃي ٽڪرائيندا آهن، پر پنهنجي چاڙهو استادن ۽ ويڇن جي دعائن (۽ ٻُڪين جي) مهربانيءَ سان ڪين ڪوبه ڇيهو ڪونه رسندو آهي. اها رسم، اسلامي شريعت جي اصولن جي سخت خلاف هُئڻ جي باوجود، پيڙهيءَ به پيڙهيءَ هلندي اچي ٿي. هتان جي ڏاهن عالمن ۽ عادل گورنرن هن رسم کي ختم ڪرڻ لاءِ جيڪي به حيلا هلايا مگر ان کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ڪونه ٿيا.(تاريخ طاهري 1) هتي عامي (عوامي) تصوف اهڙي ته بگڙيل صورت اختيار ڪري چڪو آهي جو ان کي ملان ناپسنديدگيءَ جي نظر سان ڏسن ٿا.

سنڌ ۾، هن تحريڪ جي ترقيءَ متعلق ڪوبه معتبر بيان موجود ڪونهي. تحفة الڪرام جيڪو، عجب ۾ وجهندڙ اٽلپ معلومات جو خزانو آهي، غير سائنسي (غير علمي) قسم جو هڪ ڪتاب آهي، ان ماڻهوءَ جي تصنيف آهي، جنهن ايليٽ جي چواڻي ايترن پيرن فقيرن (اوليائن) جي ڪائين ڪرامتن کي تمام سادگيءَ واري ويساهه سان پنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي. اهڙن اوليائن جو تعداد ايترو ته ڳاڻيٽي کان ٻاهر آهي جو هن ملائيت جي

Gul Hayat Institute

ماريل سرزمين جوڪوبه ڳوٺ اهڙو ڪونهي، جنهن ۾ ڪنهن نه ڪنهن بزرگ جي مزار نه هجي ۽ جن جي ڪرامتن ڪي هن وڏي پروسي ۽ يقين سان قلمبند نه ڪيو هجي.(1) پر اهڙي قسم جي معلومات ڪنهن ڪم جي ڪانهي، نه وري اڄ جي سنڌي ڪتابن ۾ هن موضوع تي اهڙو ڪو ڪتاب آهي جنهن جو حال هن ڪتاب کان بهتر هُجي، چاڪاڻ ته پوءِ ايندڙ اهڙا سمورا احوال مواد تحفة الڪرام يا پين اهڙي معيار جي ڪتابن تان ورتل آهن. سنڌ جي صوفين مان ڪي ٿورا اهڙا آهن جيڪي مشهور صوفين جي حيثيت سان يا ڪي ڪي قدر علم جي صاحبن جي حيثيت سان پڌرا يا مشهور آهن، باقي ٻيا اهڙا آهن (جن لاءِ رُڳو ڳالهيون آهن)، جن تي ائين ئي اعتبار ڪرڻو پوندو. بهرحال هتي ڪيترائي ڏاهپ جا صاحب ۽ مهذب ماڻهو هئا، جيڪي صوفي فلسفي جي اعليٰ اصولن کان پلي پٽ واقف هئا، ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ نٿو ڪري سگهجي، پر اسان کي سنڌن باري ۾ ڪا به معلومات ڪانه ٿي ملي.

انهن آڳاٽن صاحبن مان سڀ کان وڌيڪ چاتل سجاتل سيد عثمان شاه مروندي هو، جيڪو لال شهباز جي لقب سان مشهور ٿيو ۽ سندس مقبرو سيوهڻ ۾ آهي. هيءُ به ڪيترن ڪتابن جو مصنف چيو وڃي ٿو ۽ برٽن مطابق اهي ڪتاب پوءِ جي دور ۾ نوجوانن جي هدايت واسطي ڪم ايندا هئا.

چيٿمل پرسرام، پنھنجي ڪتاب (Sindh and its Sufis) ’يعني سنڌ ۽ ان جا صوفي‘ ۾ ھن جو ۽ سندس ڪن ساٿين جو ذڪر ڪيو آھي؛ پر حقيقتون تمام غير واضح آھن. ھي قلندر ھو ۽ تقدس جي پنھنجي زندگيءَ ۾، ۽ وفات کان پوءِ به وڏو نالو ڪيائين. سندس عرس جي موقعي تي مزار تي ماڻھن جا ميڙاڪا عجيب نظارو پيش ڪندا ھئا ۽ اڃا تائين ڪن ٿا. مذھب ۽ وھم وسوسا پاڻ ۾ ملي ھڪ ٿي ويا آھن۽ ھندو مسلمان گڏجي ھن جو يادگار ڏينھن ملھائيندا آھن. چيٿمل پرسرام چوي ٿو، ”سيوھڻ ۾، جتي لال شھباز (جنھن کي قلندر لال مروندي به سڏيو ويندو آھي) رھيو ۽ وفات ڪئي. عرس جي موقعي تي ان جي مقبري جي چوڌاري ھزارين ھندو مسلمان اچي رھندا آھن، جيڪي پاڻ ۾ ڏاڍو رلي ملي ويندا آھن ۽ اھڙا صوفياڻا راڳ ڳائيندا آھن، جن جي ٻڌڻ سان دل ميڻ ٿي ويندي آھي. انھن مقدس ڏينھن ملھائڻ سان ڪيتريون ئي غلط ڳالھيون شامل ٿي ويون آھن، پر ائين ھميشه ئي ٿيو آھي.“

سنڌ جا سڀئي صوفي شاعر جن جي متعلق ھاڻي گھڻو احوال اچي چڪو آھي، انھن مان ڪوبه شاه عبداللطيف کان مٿانھون ڪونھي، انھن مان سڀ ڪٽي نه پر گھٽا، ڪانئس پوءِ جي پيداوار آھن. سترھينءَ صديءَ دوران، جڏھن لال شھباز جي جوڀن جا ڏينھن ھئا ۽ وري ارڙھين صدي جنھن

۾ شاه عبداللطيف رهيو، ان وچ واري دور متعلق تمام ٿوري معلومات مستند تاريخي حقيقت جي صورت ۾ محفوظ ٿيل چئي سگهجي ٿي. سچل سرمست (جيڪو مستيءَ ۾ هجي) انهن سڀني ۾ بهترين شاعر آهي ۽ سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته سندس جنم 1739ع ۽ 1757ع جي وچ ڌاران ٿيو ۽ اهو چيو وڃي ٿو ته سچل سرمست جڏهن اڃا ننڍو ڇوڪرو هو ته شاه عبداللطيف سان مليو هو.

سنڌ جي تصوف متعلق ڄاڻ لاءِ اسان برٽن (Richard Francis Burton) جا ٿورائتا آهيون.

تصوف متعلق برٽن ٻڌائي ٿو ته ”تصوف، مقامي حڪومت دوران اهڙوئي هڪ خطرناڪ سياسي هٿيار سمجهيو ويندو هو، جهڙيون ڀيون ڪيتريون ڳجهيون برادريون تاريخ ۾ قلمبند ٿيل آهن ... ايتري قدر جو انهيءَ دور ۾ امن پسند سنڌين ۾ به ڪو نالي وارو (يا مرشد) بنا ڪنهن هٻڪ جي پنهنجي مريد کي پنهنجي دشمن کي قتل ڪرڻ لاءِ حڪم ڏئي سگهيو ٿي. مقامي حڪمران انهن حرڪتن جي همت افزائي ڪندا رهندا هئا، ڪجهه ته وهم جي ڪري ۽ ڪجهه وري ان ڪري جو ڪين هر ڪنهن پير جي قيمت چڱي طرح معلوم هئي (History of Sindh PP: 203-4) هڪ پير وڏي اختيار واري حيثيت رکندو هو.

Gul Hayat Institute

سنڌ جا صوفي فقير مکيه طور ٻن قسم جي سلسلن سان لاڳاپيل هئا. هڪڙا جلالي ۽ ٻيا جمالي درويش هوندا هئا. اهي پهريائين ابتدائي مرحلن کان گذرندا هئا، جن ۾ هواڳوٽن مسلمان درويشن جي پوئواري ڪندا هئا، جن جي متعلق گهڻي ڄڃهي چاڻ برائون جي مشهور تصنيف 'The Dervishes' مان چوندي پيش ڪري سگهجي ٿي. لکي ٿو جُلالي فقير هڪ قسم جي ملنگن جهڙي اوني ٽوپي پائيندا هئا جنهن کي ’تاج‘ چئبو آهي. کين ڪاريءَ اُنَ جو اڇن ڌاڳن سان سبيل ڪوٺ پاتل هوندو هو جيڪو ٻانهن بنا، ڪفن جهڙو هوندو هو، ان کي ڪفني چوندا آهن. ان ڪانسواءِ هڪ اُن جو ڪمبل به هوندو هئن. جنهن کي وري ’گودڙي‘ چوندا آهن. اهڙي قسم جا ماڻهو حقيقت ۾ پينو فقير هوندا هئا ۽ سندن ڏنڌي جي مال ۾ وٽن هڪ عدد تسبيح، هڪ آبنوسي يا ٽالهيءَ جي لٺ يا ’عصا‘، هڪ بيراڳڻ يا ڪاٺي جي شڪل جو لڪڻ جيڪو گيان ڌيان ڪرڻ مهل نرڙ کي سهاري ڏيڻ يا آرام وقت ٽيڪ ڏيڻ ۾ ڪم ايندو هو. ’ڌاڳا‘ يا هڪ ڪمر پٽو جيڪي ڪاري وٽيل اُن مان ٺهيل هوندا آهن، ’ڳانا‘، جيڪي پڻ ڪاريءَ ان ۽ گلابي ڌاڳن جي ڪنارين سان هوندا آهن، سي هارَن وانگر پاتا ويندا هئا، هڪڙي گبري يا ٿيلهي به هوندي هئن جنهن ۾ ڪاڏو ۽ ٻيون واهپي جون شيون رکيون وينديون آهن

Gul Hayat Institute

۽ هڪ ٽُبي هوندي هئن، جيڪا خيرات ونڻ ۽ پنڻ جي ٿانوَ طور ڪم ايندي آهي.‘
سنڌ جا جمالي فقير چئن حصن ۾ ورهايل آهن:

- قادري،
- نقشبندي،
- سهروردي
- ۽ چشتي.

برٽن انهن سلسلن مان ڪن جي شغلن ۽ حضورين جو ذڪر ڪيو آهي. انهن جي مذهبي مشقن جي متعلق هن گهڻي نادر معلومات ڏني آهي.
(ڏسو هسٽري آف سنڌ، صفحا: (213 ۽ 222)
سندن قاعدا ڀين اسلام جي عارفاڻين مشقن کان تفصيل ۾ ڪي گهڻا مختلف ڪونه آهن ۽ خاص ڪري ان لاءِ به دلچسپ آهن، جو اهي انساني نفسيات تي ڪجھ روشني وجهن ٿا. اهو ڏسڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ته انهن تمام گهڻين مشقن منجهان نتيجي طور مذهبي ڀلايون ڪيئن ٿيون پيدا ٿين. سنڌ جي ڪجھ صوفي پيرن جا به ذري گهٽ ساڳيائي خيال آهن. پير مراد جنهن جي هڪ چواڻي ڏاڍي مشهور آهي ته، ”اهو بهتر آهي ته هڪ مئل دل کي دائمي زندگي ڏجي، بنسبت انهيءَ جي جو هزارن مئلن کي زندگي ڏجي.“ اهو چڙ ته انهيءَ ڳالھ ۾ يقين رکندو هجي ته مذهب ڪم کان وڌيڪ معتبر هٿيار

آهي، اهو عقيدي جو اهڙو جز آهي، جيڪو اسلام ۽ عيسائيت ۾ هڪ جهڙو آهي.

مذهبي فقيرن جي طبقي سان تقدس لاڳو ڪرڻ وارو خيال ڪنهن حد تائين شاه عبداللطيف جي هڪ سُر مان به ملي ويندو، جنهن جو نالو رامڪلي آهي ۽ مون ان کي ’هولي مين‘ جي عنوان سان ترجمو ڪيو آهي. ظاهري طور ته اهو سُر هندو جوڳين، ويراڳين، آديسين ۽ ٻين مذهبي فقيرن جو حوالو رکي ٿو، پر ان جي گهڻي ڪشادي معنيٰ آهي، جيئن ڪيترن بيتن مان ظاهر آهي ته اهي اسلام جي عقيدي جو حوالو رکن ٿا. اها شاه عبداللطيف جي هڪ خاص گهڻ رخيءَ خوبي آهي، جو هڪ طرح سان هن گهڻن مذهبي فقيرن کي هڪ هنڌ آڻي بيهاريو آهي. پر هُن جو فقيراڻو مذهب ظاهر ظهور بيتن ۾ به ظاهر آهي، جن ۾ هن غلط عملن ۽ سخت تڪليف واري نفس ڪشيءَ جي نقصانن جو حوالو ڏنو آهي.

Gul Hayat Institute

"But of the Lord alone, true worship is.

There's none of pir or prophet. They do Sin

Who worship pirs and worse than these are they

Who worship idols, those poor, luckless folk,

From path misled who grasped unturthfulness.

Self worship not, thou faithful, pure of heart.

They who do this, believe not; let disgrrace

Their faces blacken."

نڪي نمن ناٿ کي، ناٿ نه نمائين
جاڻا ڪن نه جوڳ جي، جوڳ نه جهارين
آديسي آڏين، اهڃاڻيون الماس جيون.

*

هر هر ڪن هرنام، ڏون ڍهاڙي ڏوتيا
جن نه ريجهايو رام، ناٿ نه نمي تن سين.

*

هر هر ڪن اُميس، ڏون ڍهاڙي ڏوتيا
جن نه ماري ميس، ناٿ نه نمي تن سين.

*

جهڙا ڪڙچ ڪڪرا، تهڙا جائن ڦل
تن سامين جي سڌ مران، جن جي گودڙين ۾ گل
اندر ملھ املَ، ٻاهر ڪوجها ڪاپڙيا.

Gul Hayat Institute

بهرحال اهو سمجهڻ غلط ٿيندو ته عام ماڻهو قلندرن ۽ هٿ ٺوڪين صوفي فقيرن لاءِ نيڪيءَ جا اهڙائي معيار رکندا هوندا، جيڪي پري پري تائين رلندا رهندا هئا ۽ ڳوٺاڻن کي سندن وهمن وسوسن سبب ڦريندا وتندا هئا. هن سموري

نظام لاءِ برنس ۽ برٽن طرفان ڪيل تنقيدون بلڪل جائز آهن ۽ ان کان سواءِ ٻي ڪا حقيقت ڪانهي. نه ئي اهو انصاف ٿيندو، جو انهن ٻنهي جي معيار موجب ويهي سنڌ ۾ تصوف کي پرکجي. اهو به صحيح ناهي ته بگڙيل شڪل ۾ موجود تصوف جو ملهه ڪٿجي. ان کي سندس ڪاميابين مان پرکڻ گهرجي ۽ نه اڻڄاڻ ماڻهن طرفان ڏنل ان جي اصولن جي سمجهاڻين مان.

مئڪڊونالڊ جهڙن مصنفن جو خيال آهي ته فقيري سلسلن جا اهي عمل پوءِ ڪٺي منجهن ڪيڏي به گمراهي پيدا ٿي وئي هجي ۽ ان سان هو بنهه ڪري پيا هجن، پر اصل ۾ انهن جو مضبوط بنياد رسول ﷺ جن جي حديثن ۾ ڏنل حڪمن تي رکيل آهي، ڪين قرآن ۾ هنن فقيري سلسلن جي خيالن جون ڪيتريون ئي علامتون ۽ اشارا مليا آهن:

هو چوي ٿو ته، ”قرآن ۾ هڪ آيت آهي، جنهن محمد ﷺ انهيءَ خيال کي قرآن ۾ آيل خدا جي انساني شڪل ۾ اچڻ وارن ٻين خيالن کان مختلف نموني پيش ڪيو آهي. اڳتي هلي اسلام ان اصول کي پاڻ ۾ شامل ڪيو، ان کي ترقي ڏني، ۽ سچائيءَ ۾ حياتيءَ جي جذبن جي اهڙن رازن کي محسوس ڪيو،جيڪي انهيءَ سان اڻ _سڌيءَ طور شامل هئا. مئڪڊونالڊ قرآن مان آيتن جا حوالا ڏئي ٿو:

'Men act out of desire for the Face of Allah'

"They desire the Face of Allah"
They act for the sake of the Face of Allah."

’ماڻهو ’خدا جو منهن‘ ڏسڻ جي خواهش سان عمل ڪن ٿا.‘

خدا جو منهن ڏسڻ واسطي هو عمل ڪن ٿا،

’اهي خدا جي منهن ڏسڻ جي خواهش ڪن ٿا.

And Every thing goes to destruction- is going to distraction except His Face.'(1)

هر چيز تباه ٿي وڃي ٿي- تباهيءَ ڏانهن وڃي پئي (ويسلائيءِ ڏانهن وڃي پئي)- سواءِ ’هن جي مُنهن‘ جي.

اهڙي قسم جي آيتن مان ميڪوبنالڊ اهو نتيجو ٿو ڪڍي ته ’انهن آيتن ۾ الله جي جوهر کان علاوه به ڪا شيءِ رکيل آهي.‘ درحقيقت ان ۾ هڪ اهڙو عارفاڻو شعور آهي، جيڪو فطري الهام ذريعي خدا سان سڌي تعلق واري خيال کان الڳ ڪونهي.

تصوف جي عملي ترقيءَ ۾ هڪ ٻيو به اثر شامل آهي، جيڪو آهي الله کي ياد ڪرڻ يا ’ذڪر‘ ڪرڻ. اهو هڪ مذهبي مشق جو ذريعو آهي، جيڪو درويشي جي سلسلن انتهائي حد تائين جاري رکيو.

ان جي وڌيڪ شديد صورتن ۾ اهو ذڪر جو عمل پاڻمرادو هڪ قسم جي هپناٽزم ۾ تبديل ٿي ويو، جيڪو هڪ مقدس

Gul Hayat Institute

مدهوشي يا بيخودي جي حالت پيدا ڪندو آهي، جيڪا فقيري سلسلن جي قاعدن ۾ نمايان حالت هوندي آهي.

اها جذباتي اپار جي واضح شڪل هئي، جنهن عام ماڻهو لاءِ وڏي ڪشش پيدا ڪئي ۽ ڪيس مڃايو ته فقيرن ۾ اهو بزرگيءَ جي نشاني ۽ قدرتي الهام آهي. آخر ۾ بزرگن جو هڪ گروه هو، جيڪو ’خدا جو دوست‘ (ولي الله) سڏبو هو. ’انهن کي ڪو خوف ڪونهي ۽ نه ڪو ڏک‘ انهن مان مکيه الخضر (Al-Khadir)آهي، جنهن دائمي زندگيءَ جو پاڻي پيتو هو. سنڌ ۾ هن درويش خواجه خضر جي نالي سان وڏي طاقت حاصل ڪئي ۽ هاڻي هڪ عام وهم بڻجي ويو آهي. ۽ ان کي (سنڌ جي هندن وٽ) پاڻيءَ جي ديوتا جي حيثيت سان سڃاتو ويندو آهي ۽ سولائي سان اهو تصور ڦيرائي ڪيس سنڌو درياه جو ديوتا ڪري ورتو ويو آهي. بلوچي شاعريءَ ۾ خواجه کي سنڌوءَ سان هڪجهڙائي آهي ۽ ساوا ڪپڙا پهريل هڪ پوڙهي جي روپ ۾ اچي ٿو: ’مزارين پنهنجي بيڙي پتڻ تان چوڙي ۽ خواجه جي لهرن تي ان کي ترڻ لاءِ ڇڏيو. بنا ڪنپن جي تيرن جي، چوڙاري ڇڻ ڪنپن وارا تير سپ ڳڏيا ويا: خواجه پاڻ اها جنگ ياد ڪندو.“ [(1) سو اهڙي ريت](#) بلوچي راڳ اڳتي هلي ٿو. سنڌ جا جيڪي درياه، پنٿي آهن، سي درياه جي ديوتا يا پاڻيءَ جي ديوتا جي تقدس ۾ وڏو يقين رکن ٿا



Gul Hayat Institute

۽ اهو عقيدو هندن ۽ مسلمانن کي هڪ جهڙو متاثر ڪري ٿو.
خواجه خضر کي، زنده پير واري حيثيت حاصل آهي، جنهن آب حيات پيتو آهي ۽ آخري ڏينهن تائين زنده رهندو، جڏهن مٿيءَ ۾ مٿي ٿيڻ کان پوءِ وري پين ماڻهن سان گڏ اٿاريو ويندو. برٽن، سنڌو درياه جي شان ۾ هڪ پڇن جو به حوال ڏنو آهي، جنهن ۾ درياه کي خواجه خضر ڪري مخاطب ڪيو ويو آهي. (History of Sindh. P:327) آخر ۾، اهو اسلامي عقيدو به موجود آهي ته بزرگ مئا ڪونه آهن؛ ستا پيا آهن ۽ پنهنجن مقبرن ۾ موجود آهن. سندن مقبرا، سندن گهر بڻجي ويا آهن، جتان هو نڪري سفر ڪندا رهندا آهن. دعا انهن تائين پهچي ٿي ۽ هو فائدا به ڏين ٿا. اهوئي پختو بنياد آهي، جنهن تي سنڌ ۾ مُئل پير بزرگن ۽ مرشدن جي مقبرن سان غير معمولي عقيدت پڌل آهي.
اهڙي قسم جي عقيدت پير ۽ مريد واري رشتي ۾ شخصي مذهب جي صورت اختيار ڪري ورتي آهي. ويچاري مريد کي پنهنجي روحاني رهبر جي فرمانبرداري ضرور ڪرڻي آهي. هن قسم جي رويي مان ڪيترن ئي قسمن جا درويشن جا سلسلا اپري آيا اهن، جن کي قائم ڪندڙ صوفين جي نالن پٺيان سڏيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت



Gul Hayat Institute

موجوده عملي نمونو ۽ روايتن جي تسلسل کي پاڻ ۾ ملائي، هڪ مڪمل مضبوط نظام جوڙيو ويو آهي، جنهن جون پاڙون ڏور ماضيءَ ۾ آهن.
تيرهين صدي ۽ ان کان پوءِ سنڌ ۾، اسلامي دنيا جي مرڪز مان ڪيترائي عالم ۽ مذهبي خيال جا ماڻهو هجرت ڪري اچي سڪونت پذير ٿيا.
لال شهباز جيڪو پنهنجن گهڻن ساٿين سان آيو، جن مان گهڻن هندستان جي ٻين علائقن ۾ پنهنجا نالا ڪڍرايا. اهو به اهڙوئي هڪ ماڻهو هو، ٻيو اهڙو ماڻهو ابوالفضل جو وڏو ڏاڏو هو. سنڌ ۾ سيد جو هيڏو سارو غلبو پڻ بنا شڪ جي تقريباً انهيءَ دور کان شروع ٿيو هوندو. هيءُ اهو دور هو، جنهن ۾ اسلام وري ٻيهر سرحدي نقطهءِ نگاهه سان پکڙجي رهيو هو. مسلمان عالمن جي محنت هڪ قسم جو پائدار مذهب جوڙي تيار ڪيو. جنهن ۾ قران ۽ حديثن جي سختيءَ کي، وچ ايشيا جي ايراني مسلمانن جي اثر جي ڪري نرم ۽ وسيع ڪيو ويو هو. اها به اهميت جي لائق ڳالهه آهي ته سنڌ ۾، جيئن هاڻي آهي، پراڻي دور ۾ به سنڌ جي شاهوڪار حاڪمن ۾ مذهبي ڪٽرپڻي جي عدم موجودگي هئي، جو اسين اهو به چاڻون ٿا ته هتي ڪرمتي اصولن جا به چڱا اثر هئا. اسان کي اها به خبر آهي ته يارهينءَ صديءَ کان پوءِ اينڊڙ مقامي سنڌي حاڪم، جن

ٻاهران آيل مسلمان حاڪمن ڪان پوءِ حڪومت حاصل ڪئي هئي، جڏهن اسلام ڏانهن مائل ٿيڻ شروع ٿيا ته هن مسلڪ ڪان متاثر ٿيا هئا.

سيدن مان گهڻا شيعا عقيدي جا هئا. اهو به امڪان آهي ته سنڌ هنن ٻاهران آيلن لاءِ ڪجهه وقت لاءِ سازگار ملڪ ثابت ٿيو هجي. مان نٿو سمجهان ته سنڌ ۾ صوفي مت جي ڪا مستقل ترقي ٿي هوندي. ايئن ٿيو هوندو جو ڪڏهن ڪنهن غيرمعمولي ماڻهو فارسيءَ جي ادبي ورثي ۾ مهارت سبب پنهنجن ماڻهن مان اپري علم ۽ تقدس ۾ مشهوري ماڻي هجي.

شاه عبداللطيف جهڙي ماڻهوءَ جو تمام مهذب ۽ آدرشي مذهب، عام ماڻهن جي وڏي تعداد جوبه ساڳيو مذهب هوندو، اها ڳالهه سچ نٿي ٿي سگهي. صوفياڻي شاعريءَ جي ڳجهي ۽ مخفي معنيٰ اڻپڙهيل عوام جي سمجهه ۾ ڪانه اچي سگهندي آهي. اهڙي قسم جي فڪري سطح تي پهچي نه سگهڻ جو مطلب هرگز اهو نه آهي ته اهي بيت سريلي تخليق طور ماڻهن کي ڪونه وڻندا هوندا يا اهي عام ماڻهن جي دلين جي عقيدن کي روشن ڪونه ڪندا هوندا.

شاه عبداللطيف جي سوچ ۽ هڪ سيلاني جي سوچ جي وچ ۾ تمام وڏي هڪ خليج حائل آهي، جيڪو بنا ٿڪجڻ جي الله الله ڪندو رهي ٿو. جيستائين بنهه سگهه نه رهيس ۽ جڏهن

هن جو گهنڊ گُڙندو رهي ٿو. تڏهن سندس ذهن ڪنهن وجد ۾ وائڙو هوندو آهي، پر نالي ۾ ته عام ماڻهو ٻنهي کي صوفي چوندو. پوءِ اسين افلاطون ۽ هڪ ڳوٺاڻي ڪرتب ڏيکارڻ واري ماڻهوءَ مان ساڳي زبان ڳالهائڻ جي اميد ڪري سگهون ٿا. تصوف جو صحيح پيغام ڏاهن ۽ ذات ڏٽين وٽ هوندو آهي نه انهن وٽ جيڪي عام پيشيور ڪرتب ڏيکارڻ وارا هوندا آهن. سنڌ ۾ تصوف، ڪن ايامن کان وٺي چند ڏاهن ماڻهن ذريعي منتقل ٿيندو آيو آهي. هي اهي ئي انسان آهن، جن ان جي آدرش جي جذبي کي زنده رکيو آهي. ان جي فلسفي لاءِ سُريلي ورجاءُ جي ضرورت ڪانه آهي. ان فڪر جي توصيف رولو فقيرن جي خدمتن تي مدار ڪانه ٿي رکي، جيڪي ڪلهي ۾ ڪفني پايو ۽ ڪشڪول هٿ ۾ ڪنيو گهمندا ۽ پنندا وتندا آهن.

Live on, O sweet One, Live
"An evil word of thee
Brought each to other near
Mine eyes and heast ombine
To speak of Thee and Thine."
May mine ears nerver hear,

جانب شال جئين، تنهنجو ڪنين مدو مَ سڻان
اکين ۾ هِئين، ٻنهي تان تنهنجي.

Gul Hayat Institute

# حصو ٽيون

## شاعري

اي محبوب! مان ۽ تون هن سان گڏجي ڪنهن رٿا سان
هن ڏکوئيندڙ ڪائنات کي پنهنجي گرفت ۾ آڻيون
۽ ان کي ننڍڙن ننڍڙن ذرن ۾ پکيڙي ڇڏيون.
۽ وري پنهنجي دل مطابق ان جي نئين سر اڏاوت
ڪريون.
رباعياتِ عمر خيام

Gul Hayat Institute

خدا ۽ ان جي بندي جي وچ ۾ نه ڪو پردو،
نه ڌرتي نه آسمان نه تخت آهي نه پائدان،
پردا فقط خودي ۽ فريبَ هوندا آهن
اهي دور ڪر ته خدا جو وصال ماڻين.

# مترجم جو مهاڳ

اوهان جي آڏو، ’شاهه عبداللطيف جي رسالي جي منتخب‘ جو ترجمو رکندي ڪي سمجهاڻيون ڏيڻ جو موقعو گهرندس. هڪ مترجم کي هميشه وڏيءَ مشڪل سان منهن ڏيڻو پوندو آهي. ڇا هن کي اصل لفظ ڏيڻ گهرجن يا اصل جو روپ پيش ڪرڻ گهرجي؟ هن کي فوٽو گرافر ٿيڻ گهرجي يا فنڪار؟ ان مشڪل جو ڪو حل ڪونهي. آخرڪار مترجم کي مصلحت کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونه هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته هڪ زبان جي عظيم شاهڪار کي ٻيءَ زبان ۾ بنا ڪجهه وڃائڻ جي هوبهو اٿلائڻ تمام گهٽ ممڪن هوندو آهي.

ارڙهينءَ صديءَ جي هن سنڌي شاعر جي ڏکين بيتن مان سارو وقت مون ان جي روح کي جهٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان سان گڏ مون بي انتها ڪوشش ڪئي آهي ته جيتري قدر حالتون اجازت ڏين، ترجمي جا اصلي لفظ به اصل نسخي جي بلڪل ويجهو هجن. منهنجو ترجمو اصل مطابق آهي پر وزن جي ضرورت جي ڪري ڪجهه ديگهه

ناگزير ٿي وئي آهي. پر انگريزيءَ ۾ ان قسم جي رعايتن جي گھرج گھٽ رهي آهي. اصل ڪتاب ۾ جيڪي استعاره ۽ تشبيهون آهن، سي قائم رکيا ويا آهن. پوءِ ڀلي ته اهي انگريزي پڙهندڙن کي اوپرا ۽ عجيب ڇو نه لڳن. تمام ٿورين جاين تي ڪن استعارن يا لفظن جي ترتيب کي مٽايو اٿم.

سچي ۽ صحيح ڳالهه اوهان کي ٻڌايان ته اصل سنڌي نسخي جي اختصار ۽ لفظن جي ٿورائيءَ کي جيئن جو تيئن آڻڻ مون لاءِ ناممڪن هو. شاعر ٻوليءَ جي نهايت ترقي يافته بناوت کي شاعراڻي، صوفياڻي ۽ مذهبي اظهار واسطي استعمال ڪيو آهي. ڪيس چڱيءَ ريت خبر هئي ته سندس ٻڌندڙ، سندس اشارا ۽ ڪنايه سمجهن ٿا. ترجمو ڪرڻ وارو پرڏيهي ٻولي ڳالهائيندڙ هئڻ ڪري مجبور ٿيو پوي. محض ترجمي ڪرڻ سان ڳالهه سمجهائڻ ڏکي آهي. هن کي اهي معنيٰ جون سڀ نزاڪتون سمجهائڻ گهرجن، جن کي سنڌي ماڻهو ايئن ئي ڄاڻن ٿا.

ٻي اهم ڳالهه هي آهي ته اصل جي روح هٿ ڪرڻ واسطي ضروري ٿي پيو ته گهڻي تعداد ۾ وزن بحر استعمال ڪجن، انهن مان گهڻا ته انگريزيءَ جي روايتي نموني واري بنياد تي بيٺل آهن، حقيقت ۾ بهترين نندڙن سريلن بيتن لاءِ انگريزي اظهار جو ساراهه جوڳو ذريعو ثابت ٿيو آهي.

هيءُ ترجمو هن شاعريءَ جي عام ڳنڀيرتا واري پهلوءَ کي ظاهر ڪري بيهاريندو.
اها اتفاقي ڳالهه هوندي، جو ڪٿي ڪا جلدبازيءَ واري ڳالهه اچي وڃي، ڪن هنڌن تي مون انگريزي شاعريءَ ۾ تجربا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي گهڻو ڪري جديد شاعريءَ جي طريقي ۾ آهن. جنهن ۾ وزن بحر جي پابندين کان وڌي آزادي مليل آهي. اهڙيءَ ريت، ڪنگ اينڊ دي منسٽريل (سورٺ راءِ ڏياچ) ۾، ليلا ۽ چنيسر، عمر مارئي جي بيتن ۾ غير روايتي مثال ملندا، اها ڪوشش ملندي ته انگريزي زبان ۾ نئين نموني سريلن آوازن جا امڪان ڳولجن.
منتخب جي گهڻن بيتن کي پيش ڪرڻ ۾ وڏي ۾ وڏي ڏکيائي اها هئي ته اهي بيت ننڍي وڏي ڊيگهه وارا آهن. انگريزي شاعريءَ جي يڪسان ڊيگهه واري خاصيت وانگي ان ۾ ايئن ڪونه هو، جو هڪ بيت جو مطلب ٻئي بيت سان گڏ تسلسل کي قائم ڪري سگهجي. بيت عام طور تي پنهنجو پاڻ ۾ ئي مڪمل هئا. هڪ بيت کان ٻئي بيت ۾ خيال يڪدم بدلجي ٿو وڃي. بيتن جي ننڍ وڏائيءَ کي ترجمي ڪرڻ وارو ٺيڪ ڪري ڪونه ٿو سگهي، پوءِ پلي ته خيال جي ڪري ئي اها ضرورت چو نه هجي. شخصي طور تي آءٌ هن خيال جو آهيان ته بيتن جي وڏ ننڍائي واري ترتيب کي قائم رهڻ

ڏنو وجي؛ چاڪاڻ ته اها بي ساختگيءَ جي علامت آهي ۽ اصل جي وڏي ۾ وڏي خوبي آهي. ڪوبه مترجم پنهنجي ڪم کي تيستائين مڪمل ڪونه سمجهندو جيستائين هو پنهنجي پڙهندڙن کي ، اصل کي پاڻ هٿ ڪرڻ لاءِ، آماده نه ڪندو. تنهن ڪري آءٌ بلڪل پُراميد آهيان، ته هيءَ تصنيف ڪيترين خاميون هوندي به اصل سنڌي ڪتاب پڙهڻ ڏانهن مائل ڪندي. عالمن ۽ مترنم ٻوليءَ جي عاشقن کي يقين ٿو ڏياريان ته هُو هن ۾ اها شيءِ لهي سگهندا، جيڪا دائمي خوشي ثابت ٿيندي.

بمبئي ايچ- ٽي- سورلي

31 مارچ 1938ع

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو رسالو

نئين ترتيب سان

انگريزي ترجمو

حياتي، گهڻ- رنگي قبي جيان



Gul Hayat Institute

اڇي رنگ واري امرتا کي داغدار ڪري ٿي.
(شيلي)
[ڏسو بوڪ پيو]

تون پنهنجو سهڻو منهن ڇو ٿو لڪائين؟ آخر ڇو
اهو گهرڻ- هٺ ايترو محروم ڪري ٿو
تنهنجي روح کي جياريندڙ روشنيءَ کان، اکين کي.
*
ان سهائي کان سواءِ، ڪهڙي سهائي منهنجي اندر ۾ آهه
تون منهنجي زندگي آهين، منهنجي راهه، منهنجي سهائي،
تو ۾
مان جيئان ٿو، هلان ٿو ۽ ڏسان ٿو تنهنجن ڪرڻن سان.
(فرانسِسز ڪارليس)

عشق منهنجي آجيان ڪئي، منهنجو روح پوئتي موٽي ويو
جيڪو ڌوڙ هاڻو ۽ ڏوهي هو.
پر تيز نظر عشق، پهرئين لنگهه وٽ
مون کي سُست ۽ غافل ٿيندي ڏٺو،
مون ڏانهن سري آيو، پيار مان پڇيائين
ته مون ۾ ڪجهه گهٽتائي هئي ڇا!
(جارج هربرٽ)

هن جاءِ به اها دائمي حياتي اچي
عاشقن ۽ شهيدن جي ميڙاڪن ۾ هليو وڃ.
پلي عارفن جا موت ان لاءِ انتظار ڪن ۽ ڏاها روح جي هجن
شهيد- عشق بڻجي تنهنجي هن حياتيءَ جو مشاهدو ڪن.
(رچرڊ ڪريشا)

هيٺ دنيا وارن لاءِ منهنجي دل مئي چڱي
فاني خوشين ۽ فنا ٿيندڙ لاڏ پيار لاءِ
عياشيءَ وارين نعمتن لاءِ، جن اسان کي موهي رکيو
اي منهنجون اکيون انڌيون ٿي پؤ، منهنجا ڪن ٻوڙا ٿي پؤ!
(اسحاق واٽس)

مون پڇيو ”تنهنجي سُونهن ڪنهنجي ملڪيت آهي؟“
هن وراڻيو، ”منهنجي، جو مان ئي ته اڪيلو موجود آهيان
عاشق، معشوق، عشق، هڪ مان ئي ته آهيان
سونهن، آئينو ۽ اهي اکيون جن ۾ بصيرت آهي.“
(ابو سعيد ابن ابوالخير)

Gul Hayat Institute

# سر ايمن ڪلياڻ

## پهريون داستان

اَول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهي قديمُ،
والي، واحد، وحدهُ، رازق، ربُ، رحيم،
سو ساراه سچو ڌڻي، چئَي حمدُ حڪيمُ،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙُون جوڙ جهان جون.

I.
God THE ALL POWERFUL
In the Beginning Allah is,
Who Knoweth All, Who sits aloft,
The Lord of all the World that be.
He is the Mighty, old of Days,
Of His Own Power Established.

Gul Hayat Institute

وَحَدهُ، لاشريڪ لَہُ، جان ٿو چوين ايئن،
تان مڃ محمّد ڪارڻي، نرتون منجهان نِينهَن،
پوءِ تون وجيو ڪيئَن، نائين ڪنڌ ٻين ڪي؟

He is the Lord, One, Only One,
Sustainer and Compassionate.
Sing ye the praise of Him Who Heals,
The True One, sing ye praise of Him.
He is the One, Who Hath No Peer.
Confess ye this. In heart of heart
Acknowledge ye The Praised One, who
The Causer of the Causes is.
Why go ye then and bow yourselves
In front of others, why go ye?

وحدهُ، لاشريڪ لہُ، جڏهِ چيو جن،
تن مڃيو محمّد ڪارڻي هيجون ساڻ هنِيَن،
تڏهِ منجهان تن، اَوتڙ ڪونه اوليو.

Gul Hayat Institute

Men were who said: 'He is the One,
Without a Peer', in heart of heart
Acknowledging the Praised One, who
The Causer of the Causes is.
Such men did from the righteous path

Set not an erring foot astray.

وَحدهُ جي وِديا، ڪيا اِلاّالله اڌ،
سي ڏڙ پسي سڌ، ڪنهن اَپاڳي نه ٿئي.

Men are whom God the One hath cut,
Whose bodies He hath cut in twain.
Who, having seen the severed parts,
Doth not for self, unfortunate,
Desire like theirs the severance?

وحدهُ، لاشريڪ لهُ اِي هيڪڙائي حق،
پيائيءَ کي ڀِڪُ، جن وِڌو سي وِرسيا.

God who is One no rival hath.
Herein of Him the Oneness is,
And righteousness of Truth. But who
Embraced false Two-ness lost indeed
The savour and the salf of life.

اگهي اگهائي، رنج پرين کي رسيو،

Gul Hayat Institute

چڪيم چڱائي، سُورِن جي سُوريءَ تان.

My weakness pleaseth. In God's ears
The cries of my love-torment ring.
I tasted from the gallows tree
The goodness that my sorrows bring.

سُورِيءَ سڏ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون!
وڃڻ تن پيو، نالو نينهن ڳنهن جي.

The gallows calls me. Oh, my friends,
Will any friend now come with me?
They who have found the name of love
Must go of love's necessity.

سُوريءَ سڏ ڪري، اصل عاشقن کي،
جي اٿئي سڌ سڪڻ ۾، ته ڪَڙُ مَ پيرِ پري،
سسي ڏار ڌري، پڇج پوءِ پريتڙو.

Gul Hayat Institute

The scaffold of its very self
Doth summon lovers. Do ye seek

To know what love is? Fare not forth.
Put heads aside as little worth.
And, asking then what love is, speak.

سُوري سينگاري، اصل عاشقن کي،
لُڏيا ڪين، لطيف چوي، ٿيا نيزي نظاري،
ڪوٺيو ڪناري، آٽيو چاڙهي اُن کي.

The noose ('tis in the web of things)
Adorneth lovers. Sayid sings:
'They saw love's spear and trembled not.
Upon the block they took their stand.
Love called and they dissembled not.
Love set them there. 'Twas love's command.'

ڪاتي تکي مَ ٿئي، مر مُنيائي هوءِ،
مان وِرَمن توءِ، مون پرين جا هٿڙا.

When love takes knife in butcher hand,
Sharp be it not. But rather may
Its edge be blunt. For then on thee

Beloved's hands will longer stay.
جي تون سڪڻ سکيو ته ڪاتي پئي مَ ڪنجھ،
سپيريان جي سور جو ماڻهن ڏجي نه مَنجھ،
اندر اِيُ اهنج، ساندِج سکائون ڪري.

Of love thou knowest why and how?
The knife falls. Let no grumble start.
Tell nought to others of the smart
Beloved caused thee. Make thy vow
And keep the pain within thy heart.

اڳيان اَڏين وٽ، پوين سر سنباهيا،
ڪاٽ ته پوين قبول ۾، مَڇُڻ پوين گهٽ،
مٿا مهاين جا پئا نه ڏسين پٽِ،
ڪلالڪي هَٽِ، ڪُسڻَ جو ڪوپُ وهي.

In front are lovers on the block.
With heads prepared, they stand behind.
Cut off thy head. So failing not
Thou mayest true acceptance find.
No severed heads then on the ground

Will bring thy failure to thy mind.
Within the wineshop slaughter rolls
In waves of flooding unconfined.

جي اٿئي سڌ سُرڪ جي ته وڃ ڪلالڪي هٽ،
لاهي رک لطيف چئي مٿو ماٽيءَ وٽ،
سر ڏيئي ۾ سَٽ، پيج ڪي پياليون.

If sipping hath thy fancxy led
The wineshop is the place for thee.
Beside the wine-jar lay thy head
And, yielding it in bargain fee,
Quaff many cups of wine instead.

ناڻي ناه ڪڪوه، ڪي ملھ مهانگو منڌُ،
سنباهج سيّد چوي ڪاٽڻ ڪارڻ ڪنڌُ،
هي تنهين جو هنڌ، ماٺن پاس مرن جي.

Set not love's store against the wine
Nor count wine dear at such appraise.
Prepare that head for cutting, thine.



Gul Hayat Institute

The wineshop is the place for them
Who by the wine-jars end their days.

عاشق زهر پياڪ، وِه ڏسي وِهسن گهڻو،
ڪڙي ۾ قاتل جا هميشه هيراڪ،
لڳين لؤُن، لطيف چوي، فنا ڪيا فراق،
توڙي چڪنن چاڪَ، ته به آه نه سلن عام کي.

'Tis poison that all lovers sup.
But lovers see it and rejoice.
The bitter and the deadly cup
Is theirs by use, by wonted choice.
'Love's arrow pierced them', says Latif.
The seas of separation roll
And drown each single, separate, soul.

Gul Hayat Institute

سڌڙيا شراب جون ڪوه پچارون ڪن؟
جه ڪات ڪلالن ڪڍيا ته موڻيو پوءِ وڃن،
پِڪون سي پِيَن، سر جن جا سٽ ۾.

Why for such drink do yearners ask

If back they flee to save their lives
Whene'er the vintners draw their knives?
But they whose heads are given for wine
May sip the wine within the cask.

سر جدا، ڌڙ ڌار، دوڳ جن جا ديڳ ۾،
سي مَرُ ڪِنِ پچار، حاضر جن جي هٿ ۾.

Yes; let them think of wine indeed
Whose severed bodies lie apart,
Whose flesh within the cauldron burns,
Who let their hands, with deadly turns,
Wreak havoc on their living heart.

اصل عاشقن جو سر نه سانڍڻ ڪَمُ،
سَوَ سِسئان اڳرو سندو دوسان دَمُ،
هي هڏو ۽ چم، پِڪ پريان جي نه پڙي.

Gul Hayat Institute

Who dull existence would conserve?
For no such aim the lover strives.
One breath from the Beloved's lips

Is better than a thousand lives.
And can this skin and bone of mine
Compare with the Beloved's wine?

اُٿياري اُٺي ويا منجهان مون آزار،
حبيب ئي هٽي ويا پِيڙا جي پچار،
طبيبن تنوارَ، هڏ نه وڻي هاڻ مون.

## III. LOVE IS ENOUGH

The friends who planted in my heart
The questings of my pain,
My friends have gone and from my mind
Have sorrow's fardel ta'en:
Nor pleaseth the voice of the Healer now;
Tis an empty sound and vain.

Gul Hayat Institute

پريان سندي پار جي مڙيئي مِٺائي،
ڪانهي ڪَڙائي، چکين جي چيٽ ڪري.
چاڙي ٻجهي جن، تو سين سورن سُڄ ڪئي،
تون ڪئن سنديون تن، پِر سين پچارون ڪرِين.

O taste thou wisely, sweetness all,
Of bitterness ne'er a trace,
Beside thy friends thou shalt surely find.
But the griefs that have settled on thee
And made thee their dwelling-place,
To stranger folk wilt thou call to mind?

پابوهيو پچن، ڪٿي هٿ حبيب جو،
نيزي هيٺان نينهن جي پاسي پاڻُ نه ڪن،
عاشق اجل سامهان اُچي ڳاٽ اچن،
ڪُسڻ قرب جن، مرڻ تن مُشاهدو.

The folk will ask, and a smile extend,
'Tell us, where is hand of thy Friend?'
But lovers from neath the spear of love
Take not themselves away.
The lover meets death, head held above,
And when there cometh the hour to slay,
'Tis for death, thus slain, that the martyrs pray.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# سر يمن ڪلياڻ

## پهريون داستان

ويچارا وايوڙَ، سدا شاڪر سُور سين،
تاڻين متي توڙَ، اوري ڪن نه آسرو.

## IV. THE PHYSIC

All wretched folk neath aching wound who bend
Are grateful for the pain that dwells within.
They wind the clew of torment to its end
And cut not short the thread of life they spin.

ويج مَ ٻُڪي ڏي، اَلا چڱي مَ ٿيان،
سڄڻ مان اچي، ڪَرَلاهُو ٿي ڪڏهين!

Gul Hayat Institute

O thou Physician, give me not the dose
That maketh well. For I shall then be strong.
To ask of me how now my illness goes
Then never friend may haply chance along.

ڪنيس ڪُويچن، تن طبيب نه گڏيا،
ڏيئي ڏنپ ڏڏن، پاڻا ڏيِلُ ڏُکوئيو.

False healers have my feebleness unmanned.
The true physician did not come to me.
But quacks employed their cauterizing brand
And brought more aches and pains then formerly.

پيو داستان

هَيءِ هَيءِ وهي هوءِ، من ۾ محبوبن جي،
جيرا جوش جلائيا، بُڪين به مُڪي بوءِ،
اڇي پسو روءِ، جي ويساه نه وِسهو.

Gul Hayat Institute

V. THE FIRE OF LOVE
In agony loved ones are turning.
There streameth the cry of 'Woe'
There is torment of fire and the burning

Consumes their vitals and, lo!
From their reins cometh savour of burning.
Come look at this hap with discerning
If, trusting in faith, ye go.

ڪاندين ٿاندين ٻاٻرين پچان مَرُ پيئي،
جيرا، جگر، ٻڪيون، سيخن ۾ ٿيئي،
ويڄنئون ويئي، ٿي وهيڻي سڄڻين.

Do I shrink if my body be toasted
On embers of babul and thorn?
On the spit let my vitals be roasted.
I am gone from the hands of the Healer.
To my friends I must hie me forlorn.

پڇ پتنگن کي، سنديون ڪامڻ خبرون،
آڏيو وجهن اگ ۾، جيءُ پنهنجو جي،
جيري جنهين جي، لڳا نيزا نينهن جا.

Ask the moths what know they of burning
That have offered their lives to the blaze.

A thrust from the lance of yearning
Hath pierced their vitals turning
And put an end to their days.

پتنگ چائين پاڻ کي پسي مچ مَ موٺُ،
سهائي سپيرين جي گهڙ ته ٿئين گهوٽ،
اڃا تون اروٽ، ڪوري خبر نه لهين.

VI. THE FLAMES

If fancy make a moth of thee
The flames thou seest, faltering not.
Beloved's rare effulgence see
And enter in, as bridegroom ought.
Still art thou as the unbaked clay.
Thou knowest not the oven is hot.

پتنگن پهه ڪيو مڙيا مٿي مچ،
پسي لَهَسَ نه لِڇئا، سڙيا مٿي سچ،
سندا ڳِچين ڳچَ، ويچارن وڃائيا.

Near the devouring fire they came,
These moths determined. Scorching blast
Did not their steady courage tame.

Gul Hayat Institute

All on the flames their bodies massed
In one wild weltering holocaust.

مچ منجهين آه، پهر ٻاڦ نه نڪري،
چور نه لڳي چاه، ڪامندن خبر پوي.

Within the heart red embers glow,
But never outward vapours rise.
Heap up the fire and fan desire
That being burnt may make thee wise.

ڪاٺا تن ڪٽيو، اُجهاڻن اُونداهِ،
جن اندر ٻري باهِ، سُڌ سپڪا اُن ڪي.

They surely in the trail have won
Who died by death within the flame.
But they whose hands put out the brands
Have gotten darkness for their name
Within whose heart love's fires glow,
They've learnt all men can ever know.

Gul Hayat Institute

ٿيون داستان

عاشقن الله، ويروتار نه وسري،
آه ڪريندي ساهُ، ڪڍهن ويندن نڪري.

VII. LOVE'S PAIN

By lovrs ne'er is God forgot.
In sighing dies their breath away.
They take no rest and sink o'erwhelmed
If one sharp word Beloved say.

عاشقن اِئين نه هُونِ، جين تون سچين اگرين،
وڃي در دوستن جي رت ڏهاڙي رُونِ،
ٻيءَ پر ڪنهين نه پُون، ماڪر محبوبن سين.

For lovers are not like to thee.
Unmaimed limbs thee lusty keep.

They stand before Beloved's door
And daily tears of anguish weep.
Nor any other way is right
To find acceptance in Love's singht.

اڃان تو منجهاءَ، ڪک چُڀي رت نڪري،
منهن ۾ محبوبن جا، ڪيئن جهليندين گهاءَ
سو تون ڪڇاڙئا، سڪڻ جون سڏون ڪرين.

Even now a mere straw pricks thee
And a trickle of blood doth start
But the wounds that thy loved ones cause thee,
How wilt thou bear their smart??
And why seekest thou to discover
This love that tears the heart?

Gul Hayat Institute

سڪڻ اِي نه سَڌ، جئن لِڪيو لِيا پائِيين،
پئي پريان جي نه ٿئين مٿي اگھڻ اڌ،
اِيءَ پڻ ڪُوڙي سڌ، جئن ڪِليو ڪايو سمهين.

It doth not make thee loverwise
To hide behind the screen and peep.
Thy body in Beloved's yard
Thou hast not mortified nor marred.
It is but empty vain emprise
To laugh and eat and sleep.

جان جان سي نه لِتاءِ، جي لِياڪا لوڪن جا،
تان تان ٿئي نه ماءُ، پورو پسڻ پرين جو.

O mother! If thou hast not shut
The peeping crannies where folk peer,
Thou wilt not the Beloved see
In perfect beauty full and clear.

عاشق! معشوقن جي وٿي ويھ ڳري،
جِمَ ورچي ڇڏئين سندي دوست دَري،
ڏينءِ ٻُڪي ٻاجھ جي پوندءِ ٿَپ ٿري،
اسان تان نه سَرِي، توکي سَري سپرين.

Gul Hayat Institute

O Lovers! Sit by loved one's path,

Nor weary from Friend's lattice go.
The loved one mercy's medicine gives
And from thy hot wounds takes the glow.
Without thee, Love, life hath no spell.
But Thou, without us, livest well.

عاشق! معشوقن جو وٺي وهج رَندُ،
پياريندءِ پاڙهين ميخاني جو منڌُ،
متان ڪڍين ڪنڌ، اوڏو ٿي اُن ڪي.

چوٿون داستان

جان جان ناه ضرور، تان تان طبيب ناه ڪو
جه سو سريو سور، ته ڪر ويجُ وَرِ پيو.

VIII. THE HEALING

When there's no need no healer calls.
Had love's sore pain been in thy side,
Then surely had the healers come
And healing hand to thee applied.

جيڪي ڏنائون، سو سِرُ ڏيئي سه تون،

Gul Hayat Institute

مَ چوءُ چِنائون، ايءُ پڙ ڳنڍيو سڄڻين.

Whate'er the healer gave to thee
Be brave and suffer. Say not this:
'They severed friend from friend apart.'
Say rather 'Friends they joined in bliss.'

نمي کمي نهار تون، ڏمر وڏو ڏک،
صبر ۾ سپ سک، جي سنواريا تون سمجهين.

Be patient, bow thy head and see.
Lo! Anger is a mighty woe.
In patience there abideth joy.
O honest Sir, this surely know.

کم، کمندن کٽيو، هارايو هوڏِن،
چکيو نه چوندن، هو جو ساءُ صبر جو.

Be patient. Patient folks prevail.
The stiffnecked are in sorry plight.
The palate of all hasty men



Gul Hayat Institute

Hath never savoured patience right.

هوءِ چوني، تون مَ چؤ واتون ورائي،
اڳِ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪين ڪي.

He eats the bread of punishment
Whose early anger breaketh forth.
The man of malice holds his robe
And finds within it nought of worth.

سُر ساموندي

پهريون داستان

پڳهہ پاسي گهار، آيلِ، ساموندي جي،
وڃهي جيءُ جنجار جِمَ وڃنئي اوهري.

Gul Hayat Institute

## IX. THE SAILING (I)

O Mother, stay where the boatmen stay;
Where their hawser is, remain,
That they may not leave thee and slip away

Plunging thy life in pain.

پڳهه پاسي پچ، آيلِ، سامونڊين جي،
من ۾ ٻاري مچ، مَچَڻُ وڃنئي اوهري.

O Mother, hard by their hawsers stay;
Filling thy mind with woe,
Lest the boatmen cheat thee and slip away
Having kindled thy heart to a glow.

ننگر جان نه ٻڌن، وڻُن وَهلي نڪري،
مچڻ ڏيهه وڃن، ناريون پوري ناکئا.

While still their anchor unweighed they leave,
Take speed ion the chance and go,
Lest the sailors pass from the land to cleave
The channels where waters flow.

سيئي جوپن ڏينهن، جڏهن سچڻ سفر هليا،
رُئان رهن نه سپرين آيل، ڪريان ڪيئن؟

Gul Hayat Institute

مون کي چاڙهي چِيئن، ويو وڻجارو اوهري.

O happy youth and happy tide
When my friends cast out on the trail!
I wept and wept but they would not bide.
Ah misery: What can avail?
My tortured soul the trader hanged
When he left me and hoisted sail.

ويا اوهري اوءِ، مون کي ڇَڏي ماڳهِين،
جُڳَن جا جُڳ ٿيا، تئان نه موٽيو ڪوءِ،
گوندر مارينديوءِ، ويچاريءَ وِئن جو.

Ah, lack a day! When they went away,
To leave me alone, alone:
Age followed age in unending stage
But there came back never an one,
For them who went will the heart be rent
Of a stricken woman o'erthrown.

اُونهي ۾ اوهري جڏهن جي ويا،
سانداري سمونڊ جي نهوڙي نيا،

Gul Hayat Institute

وجي تت پيا، جت نهايت ناھ ڪا.

When the sailors sailed out over the deep
The surge of the ocean's trend
Did bear them off, and they went away
Whither journeying hath no end.

سامونڊي ساري، ماءُ منهنجو جِندڙو،
بندر وڻجاري، وڃي لايا ڏينهڙا.

O mother of mine! In my paltry life
This sailor memory stays,
And the trader seeking the distant port
Made the days succeed the days.

سامونڊيڪو سنگ، آهي گوندر گاڏئون،
اَنگن چاڙهي اَنگ، ويو وڻجارو اوهري.

Gul Hayat Institute

The sailor bond that binds my heart
Is surely with grief entwined
The trader hath rent my soul in twain

That he leave me a lone behind.

ڳريو جهليو روءِ، مٿي مهري هٿڙا،
ڪُہ سودو سندوءِ، جو تون ڍوليا سِکيو.

Love pierced my soul and ~~he~~ she fell to tears
When he set his hands on the prow.
This commerce that thou hast learned, O Friend,
Have thou no truck with it now.

اُلوڙڻ نه ڏئي، ور وڌائين ونجهه ڪي،
رهه اڄوڪي راتڙي لالن مون لائي،
وڃ مَ ڦوڙائي، ايڏي، سفر سپرين.

Love letteth me not the rope untie,
But graspeth the very spar,
This night, O friend, for me remain;
Go not, Beloved, to part us twain
In thy seeking to fare so far.

جيڪس نِبَرُ نينهن سندوم، جئن مون بيٺي هُن ٺيلهيو،

Gul Hayat Institute

سعيو ساموندين سين اَڳهين تان نه ڪيوم،
وجهڻ منجھ هُئوم، پاڻُ وَراڪي رَسِ سين.

Surely my melting soul is nought,
For while I stood on the strand,
Love came himself, the cable sought
And pushed the boat from the land.
Of sailors I knew no useful lore,
Else then had my body's strength,
While the boat was standing there by the shore,
Been twined in the cable length.

تن جنهين جي تانگھ، سي سڄڻ سفر هليا،
لئج لاتِ، لطيف چئي، ڪڏهن ايندمِ ڪانگ،
ڪنهن سَٺاٽي سانگ، پرين پرڏيهي ڪيا.

Gul Hayat Institute

For friends who set on their journey forth
My body doth live in pain:
O tell me in happy notes, O Crow,

When will they hither again?
'Twas some powerful cause that banished my friends
In an exile over the main.

سرن سڙيا پاند، اتر لڳا آءُ پرين،
مون تو ڪارڻ ڪانڌ، سَهسين سُڪائون ڪيون.

O come, Belov'd the tips of the sedge
Have been seared by the wind from the north.
For thee, O master of mine, my mouth
Thousands of vows sent forth.

جيڪر اَچي هاڻ ته ڪريان روح رُچنديون،
آيل، ڍولي ساڻ، هوند ڳِر لڳي ڳالهيون ڪريان.

If thou would'st come to me now, my Love,
Full joy to my soul I'd impart.
If, Mother, mayhap my lover should come,

I'd cling to him, cleave to him, here in my home
And speak out the words of my heart.

آيلِ، ڍولي ساڻ اَچي ته جهيڙيان،
لايهءِ ڏينهن گهڻان، مون کي چَيءِ ٿورڙا.

If, Mother, my loved one should come to me now,
In quarrelling joy would be sped.
Thou didst promise, my love, but few days to be gone;
How long are the days that have fled?

وَڃُن وڃي واٽ، هينئڙا ماڳ پرين جو،
چميو چم چانٺ، هوءَ جا سندي سڄڻين.

Gul Hayat Institute

O heart within me, out sally and see
The abode that the Loved One doth know:
And there on his threshold stoop thee down
And kisses on kisses bestow.

آءٌ جن آسري، مٿي تڙ گذاريان،
مون کي وساري، شال مَ وڃن اوهري.
هي سڄڻ سيئي جي مون ڪوڏِ نهاريا،
اِيندم جان پيهي، ته سڀ لاهيندم ڏُکڙا.

Me let them not forgetful desert,
Those friends for whom I did stay:
(And my eager eyes did scan the skies)
When they will come to me, enter my home to me,
My griefs they'll all banish away.

Gul Hayat Institute

## ٻيو داستان

اَڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون،
هلڻ هارا سپرين رُئان تان نه رهن،

آءٌ جهليندي ڪيترو، آيل، ساموندين،
پَڳہ چوڙي جن، وڏا پيڙا پار ۾.

## IX. THE SAILING (II)

In sooth today the traders talk
Of going away: and my friends
Have set their hearts on departing too.
I weep but it makes no amends,
They will not linger. O Mother of mine,
How long can I hold them back,
Those sailors who set their ships on the deep
When they made the cable slack?
لاهيان جي نه چِتان، آلا اُنِ مَ وسران،
مڙهيو منجهاران، جيءُ منهنجو جن سين.
From my heart there are those whom I may not loose,
Nor may I forgotten be.
For their life to my own lifestrings is bound.
And lo! The crew when the north wind blew,
Did set their canvas free:

Gul Hayat Institute

They weighed their anchor and took their course
Where the tide ran favouably;
And longing there stays in my heart always
For the men who plough the sea.

لڳي اُتر هير، ساموندين سڙهه سنباهيا،
ننگر ڪٽي ناڪُئا ٿيا سٽاوا سِير،
هينئڙي نت اُڪير، ڪاري ڪيڙائن جي.

The north wind's season is come and yet
My heart hath no rest from pain.
The sailors, I trow, twist lanyards now
And are oiling their boats again.

سڙهه سڃاڻُو چوءِ، ماءُ ساموندي آئيا،
مانَ منهنجو هوءِ، جاني هن جهاز ۾!

O Mother, I said (for I knew the sails)
The sailors are back from the world.
Oh! On this ship may my loved one come.

وائڻيون ڦيون ورڪن، اَڃا سڙهه نه پڌرا،
سيئي ڦيون مرڪن، جنهين سندا آئيا.

The bunting flutters! The sails are furled!
Those women, I vow, are smiling now
Whose friends have reached their home.

پُران مانَ پُڄان، بندر مُون ڏور ٿيا،
نه مون هڙ، نه هنج ڪي، جو آءٌ چڙئي چڙهان،
ايهين ڪج پاتڻي، جنهن پر پرينءَ مِڙان،
ڪارون ٿي ڪريان، تو در اُپي ناڪئا.

## IX. THE SAILING (III)

Though I move my limbs yet I may not reach
The ports that are far for me.
I have no purse, not a money lot,
To make my truck with, and pay my scot,
And climb where I wish to be.

هڙ ۾ ڪين هئِون، هُنئَئين هنِ نه چاڙهيا،

سارو ڏينهن سمونڊ تي لهي سِڄُ ويونِ،
جڏهن سائينءَ سبب ڪيون، تڏهن ستڙ ٿيا سيّد چوي.

O Thou who ferriest folks across,
Make me my loved one meet,
O captain, I stand at thy cabin door
To pour my prayers at thy feet.

مون اُپي تڙ جهل، پرين پڳهہ چوڙيا،
ڪا مون ۾ گهٽ، نه ته سچڻ سٻاجها گهڻو.

They had no scot to pay their lot,
The sailors without their fee
Would grant no passage : and all the day
Till sunset came, the ship made way
A cross the water, Face,
And when it served the vessel's need
(So sings the sayid) the lord decreed
An excellent landing place.

مون اُپي تڙ جهل، پرين پڳهہ چوڙيا،



Gul Hayat Institute

کا مُون ءِ اَلّ، نه ته سچڑ سپاجها گهٹو.

I was standing myself by the very wharf
When my friends let the hawser go.
Within my heart must some weakness be:
Or else my friends to come back to me
Some wondrous kindness show.

---

(1) Tarikh Tahiri- Elliot I, PP: 272, 274

(1) Elliot –op.cit.

(1) "Aspects of life in Islam" VI, PP: 184, 209 Passim.

(1) Long woth drama: Popular Poetry of Balochi, P: 73

Gul Hayat Institute

# سر سريراڳ

## پهريون داستان

ڪچ ڪمايم ڪوڙ، پڳم عهد الله جا،
پجرو جو پاپن جو سو چوٿيءَ تائين چُور،
معلوم اٿئي مذڪور، ڳوڙها انهيءَ ڳالهه جو.

X. THE TRAFFICKING

I have gained by my haggling the flimsy and false,
The vows of my God I have broken.
My head on its empty framework of sins
Is a crushed and a miserable token.
O dullard, thou knowest the sense of this thing,
For its speech hath already been spoken.

Gul Hayat Institute

ڪوڙ ڪمايهءِ ڪَچ، اُٿي اورِ الله سين،
ڪڍئون دغا دل مان، صاحب وڏي سچ،
محبت سندو من ۾ مورون ٻارج مچ،
اِن پر اُٿي اَچ، ته سودو ٿيئي سڦرو.

Thou hast gained by thy haggling the flimsy alone,
Go, tell then to God thou art lacking.
Drive out thy deceit. For the Lord loveth truth.
Love's bonfire blazing and cracking
Kindle within thee: and so wilt thou trade
That gain there come of thy packing.

اَڏا چِڪَڻَ چاڙھ، موج نه سَهي مَڪُڙي،
ميڙي مَڻاين جا بيحد چاڙهيم بار،
چوڻ چارو ناه ڪو بديون بيشمار،
ڪَپَرُ ڪارونپار، تون اُڪارئين احسان سين.

The swing of the surge sets foul and the boat
Cannot suffer its flooding and swelling.
I loaded her up to her hatches with sins
In multitude far beyond telling.
God! Show Thy favour and take me across
This ocean in terror compelling.



Gul Hayat Institute

وڪر سو وهاءِ جو پَئي پراڻو نه ٿئي،
ويچيندي ولات ۾ ذرو ٿئي نه ضايع،
سا ڪا هڙ هلاءِ، آڳهه جنهن جي اُبِهين.

Go. Make thy purchase of goodly gear
That loseth no virtue in aging.
For this thou will sell on a distant strand
And lose not a plack in thy gauging.
So traffic in gear that will keep thee secure
In the hazardous fight thou art waging.

ٻيڙي پُراڻي، وکر پاءِ مَ وِترو،
تري ۾ ٽُنَ پيا پاسن ۾ پاڙي،
هي هَڏِ وِهاڻي، ڪڙهه ڪالهوڻي ڏينهن ڪي.

The galley is aged. Heap not so high
The chattels that are of thy lading.
Her timbers are riddled; by keel and by strake,
The waters pour through them invading.

Her doom hath been sealed. Oh! Ponder thou well
The doings of yesterday's trading.

اڇي سر ڏٺوءِ، جو ڪپر سوءِ ڪنن سين،
ستي لوڪ لطيف چئي ياد نه ذرو ڪيوءِ،
غافِل ٿي غوراب کي اوڙاه تي آندوءِ،
سو چِتَرُ چوهي کان رکين جو پيو پراڻو پوءِ،
جهاز ضعيفن جو پاڻي ۾ پرتوءِ،
سيّد، ساٺ سندوءِ، پُوربندر پهچائين.

Thou hast heard with thine ears the watery surge:
Tis here by thine eyes for the seeing.
In the watches of night when men sleep, says Latif,
Thou didst not remember its being.
Thou didst bring thy craft to the eddying surf.
For neglect this thy weird thou art dreeing.



Gul Hayat Institute

دنگيءَ ۾ داڻا، وٺي وجهہ وکر جا،
وِيرِ وڙهنديءِ ويسرا، ويہ مَ ويڳاڻا،
هيءَ ننڊ نڇاڻان، ڪڏهن هٽنديئي ڪُن ۾.

The grains that are stuff of thy trading bring
And load on the boat for the sailing.
The waves will fight thee, forgetful one,
But sit not, thus, sad one, bewailing.
When thou will find thyself cast in the surf
I know not, a wretch unavailing.

ٻيڙياتا ٻيئي، تو نہ ڦٻنديون ڳالهيون،
سڄيون راتيون سمهي پِرِ سُکاڻ ڏيئي،
صباح سپيئي، پار پُڇندءِ خبرون.

O boatmen! The best of both worlds can't be won.
If all night by rudder you're sleping,
Morning-news of you there, over there, all will ask.



Gul Hayat Institute

ستا سپ پئي، سندي معلم آسري،
اوهين پڻ سمهو ناکئا، بندر ناه پئي،
جن جي سيّد لَڄ کنئي، سي سپ لنگهيندا لَکِيون.

(Sleep-drowsed, in their helmsman trust keeping,
On board all are sleeping! You sleep, sailors, too!)
All who're sheltered of God, their trials will pass through
No port-peril harvest's for reaping.

پيو داستان

سپيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم،
ٿي تحقيق تسليم ۾ لاهي غمَ وهمَ،
ته قادرُ ساڻ ڪرمَ، حاصل ڪري حاج تو.

Gul Hayat Institute

XI. BLESSED ARE THE MEEK
O All thy works to God commit,
To God on whom there falleth praise.

In meek submission being true
From tribulation free thy days.
With mercy then the Mighty Lord
Will fashion what thy heart essays.

چڱن مان چڱايون اِيئن سپڪو هوءِ،
تو جئن ڪري نه ڪوءِ، بُچن ساڻ ڀلائيون.

Among good folk do good deeds
Is surely everybody's plan.
Thou dost good deeds amongst the bad.
Is there, like thee, another man?

چڱا ڪن چڱايون مٿايون مَٿن،
سي وڙ سيئي ڪن، جي وڙ جڙن جن سين.

Good deeds are by good people done:
Ill deeds are with the wicked found.
They works of goodness do perform
Whom good with fitting grace hath crowned.

Gul Hayat Institute

ويا سي وينجهار، هيرو لعل ونڍين جي،
تنهين سندا پوئيان سيهي لهن نه سار،
ڪُٽين ڪَٽ لُهار، هاڻي اُنهين پيٽئين.

The lapidaries now are gone
Who diamond pierced and ruby red.
But they who followed after them
Have not the skill to work in lead.
Where craftsmen wrought of yore, the smiths
Beat worthless pewter now instead.

اگهئو ڪائو ڪَچ، ماڻڪن موٺ ٿي،
پليهءِ پايو سچ، آچيندي لڄ مران.

The taste is all for tawdry trash,
When pearls are given in change away.
If I offered truth in garment's hem
Of very shame I'd die today.

جتي ماڻڪ ماڳ، تتي چوران تڪيو،
سئون تن سَپاڳ، اَمل جن اُباهيو.

Gul Hayat Institute

Where'er today the pearls are found
There now, alas, the thieves abide.
Good honest luck today is theirs
Who laid their precious gems aside.

## ٿيون داستان

مون ٿي چَيهُءِ ڪانڌَ، پُٽي پاڙ مَ مَڪُڙي،
سڙه پراڻا پاند، لهريون صحي لڳنديون.

## XII. THE LADING

To thee I said, O good my friend,
No crazy wreck on work engage.
The waves, of certainty, will swamp
The sails and sheets that fail for age.

Gul Hayat Institute

وير وڙهندئي ويسرا، اُٿي توه طلب،
سائر ڪنهن سبب، ڪالھ نه وڏين ڪُن ۾.

The surge will fight thee, foolish man,
Arise and ask that mercy be.
I know not how it happed yestreen
Thou wert not cast within the sea.

ڦر ڦل، ڦوٽا، پارچا، اَگر ۽ عنبير،
اهڙو وڻج وٺي ڪري وِجھ وڻجارا وِيرَ،
پُٽي پاڙ مَ مَڪُڙي، اَڳيان سائر سڄي سير،
آهي اهک عنات چئي، جر جوکاري نير،
گهَرِ تنهِين جي کير، ساٿ جن جي سڄيون.

Cloves, cardamoms and store of cloth,
Sweet-smelling grass and ambergris,
O merchant, let thy cargo be
That thou dost set upon the seas.
No crazy wreck on work engage,
For hark! Ahead the breakers rage.

Inayat says: 'The water's dread
Lives in the rolling ocean swell.'
The milk of luck stays in the house



Gul Hayat Institute

Of them with whom true things do dwell.

ڦر ڦل، ڦوٽا، پارچا، پاٽيٽ پاتائون،
ڪوڻيون قيمت سَنديون تڙ ۾ تاڪيائون،
لاچن منجھ لطيف چئي ٻيڙا ٻڌائون،
نذر نبيءَ ڄام جو چڙهندي چيائون،
جي ڇهي ڇوڙيائون، سي ٻيڙيون رکين تون ٻاجھ سين.

Cloves, cardamoms and cloth and pearls,
They won wherewith to fill their store.
Down in the water deep they found,
Of precious lockers, wealth galore.

'Within my heart I found my Lord,
The man of Kech's hilly land.'

هلُ هِينئين سين هوت ڏي، سسئي ڪڙ مَ ساڻ،
جنهن پانيو پاڻ، سي آرياڻيان اوري رهيون.

Go with thine heart towards thy love:
Discard the body's weakly aid.
Thy who their worth of soul did know
By side of loved Ariyani stayed.

Gul Hayat Institute

## چوٿون داستان

هيجُ نه هوندو جن، سي ڪئن وندر ويندين،
ويهو وِچ رهن، سهسين سَڏن واريون.

XV

Can girls who yearn not reach the desert scrub?
Nay! They will falter on the way o'ercome
By thousand-fold desire, themselves desire's own soul.

سڏائتي سپ کا، بک نه باسي کاءِ،
جيهيءَ تيهيءَ ذات جي جنبش کانهي جاءِ،
مون سين هلي سا، جا جيءُ مٿو ئي نه کري.

Not one will suffer hunger. Such poor folk
Are stopped of progress. But let her proceed
Who doth not reck of putting life to risk.

Gul Hayat Institute

سکن واري سَڏ، متان کا مون سين کري،
اندر جنهين اڏَ، ڏونگر سي ڏوريندين.

No lover of soft ease may come with me.

But those whose inward souls are racked with pain
May search with me throughout the mountain land.

وريتيون ورو، آءٌ نه ورندي ور ري،
جاڏي هِن جبل جو تانگهينديس ترو،
جتن ساڻ ذرو، مون کي نِينهنُ نبيرڻُ نه ٿيو.

Ye who have husbands, turn ye back. Return
I shall not, if my spouse be not with me.
I'll drain the dregs of searching fearsome hills.
I'd little loving with the camelmen.

وجو سڀ وري، آئِين جي ورن واريون،
ڦوڙائي فراق جي سُجي ڳالهه ڳري،
ٻنيان جن بري، ڏونگر سي ڏوريندين.

Return, all ye with husbands, Parting's rift
Is said to frighten. If love's fire within



Gul Hayat Institute

Heart's portal burns for women, women will
O'er hillside wander and o'er mountain roam.

تو جو ٻول ٻروچ، ويهي ڪيو وٽڪار ۾،
سو ئي پارج هوت، مون مُٺيءَ معذورِ سين.

That promise thou didst make on Windar
once
Fulfil for me, Baroch, my friend, who am
Dead, hepless.

پهرين تون پاريج، پارڻ پوءِ پنهل تي،
ٻولَ مَ وساريج، هو جو ڪَيئي هوت سين.

Yet must Sasui herself.
First keep her promise, then must Punhun
his.

Gul Hayat Institute

Forget not then the trysting made with Hot.

سٽي ٻولَ سندان، جم سمهين سسئي،
ڪنديءَ ڪهُ ڪيٽان، جسي اُن اورانگهيا.

The words thy spoke thu heardest. Slumber not.
How wilt thou treat the hills the wanderers passed?

چُڪَس سڀ چئي ماڻهو شهر ڀنڀور جا،
سا موٽي ڪئن مُئي، جنهنجو جانب جت وٺي ويا.

In Bhambhor townsmen held much argument.
Can she come back, the lifeless one whose love
The camelmen abducted?

موٽي مران مَ ماءُ، موٽڻ ڪان اڳي مران،
لُڇي لالن لاءِ، شال ڀونديس آءٌ ڀير تي.

Gul Hayat Institute

Mother mine,
Oh may I not return and die, but die.

Before returning. Suffering torment for my love
I may perchance then stumble on his footsteps there.

پنجون داستان

جيئڻ لَئي جيڏيون مون کي ڏنا ڏيرن ڏُک،
پگَيس جان پنهور کان تان سور مڙيئي سُک،
لٿي مون تان لُک، پنهون ٿيس پاڙهين.

XVI

O girls, my friends, within my days I've suffered from my husband's kin.
But when I fled from Bhambhor, lo! My grief was changed into joy.
From me was woe's dark curtain drawn and I mine own loved one became.
Sasui's female grace is fled: and she herself is Punhun now.

Gul Hayat Institute

ويئي سونهن سسئيءَ جي، پنهون ٿيس ياڻ،
سيني جي سيد چئي، آهي اُت اُماڻ،
ڀنڀور جا ياڻ، آڏا عجيبن کي.

In such like oneness, saith the Sayid,
protection is for lovers found.
The shelter of Bhambhor's abode for loving
hearts is near at hand.

ڪافئُون ڪاهينديس، موٽان ڪر مهڻو،
ٻانهي ٻاروچن جي، سڱ نه ساهينديس،
’اَلفِراقُ اَشَدَ مِنَ الَموتِ‘ هتي نه هونديس،
آس نه لاهينديس، جيئري جتُ ڏسي مران!

I'll struggle on across the hills. If I return,
'twill be my shame.
I am but the Baluch's slave. I shall not claim
the marriage tie.
To separate is worse then death. I shall not
here myself remain.

Gul Hayat Institute

Hope I'll not yield. Alive may I behold the camelman and die.

جيئڻ جت ڏاران، معذور جو مس ٿئي،
چانگن سر چڙهي ويا ساٿي سوارا،
اَڪيون اوتارا، پسيو روئن پنهونءَ جا.

Tis not in things that I, poor wretch, without the camelman should live:
And his companions are gone, thy climbed on camels, rode away.
Where Punhun halted on his road, mine eyes weep tears to see the place.

هوت تنهنجي هنج ۾ پڇين ڪوه پَهي؟
’وَفي اَنفسَڪم اَفَلا تُبصِرُونُ‘ سوجهي ڪر سهي،
ڪڏهِ ڪانه وهي، هوتُ ڳولَڻُ هٿ تي.

'Thy love is in thy lap': then why from travelers dost thou make thy quest?

Gul Hayat Institute

'Thy love's within thee! Seest thou not'? This saying ponder well and know.
She never sought the public place to ask where her loved one might be.

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوه پرياڻ؟
’ونَحنُ اَقربُ اِليہ مِن حَبل الَورِيد‘ تُنهنجو توهي ساڻ،
پنهنجو آهي پاڻ، آڏو عجيبن ڪي.

'Thy love is in thy lap': why askest thou like this for sign of him?
'Nearer than vein of neck is he.' Thine own is with thy very self.
For self is bound with self indeed: to those in love true self is near.

اَديون آءٌ اَڇاڻ، مون سگّ سڃاڻي نه ڪيو،
هوند نه سٿيم هيتري ڪوهياري جي ڪاڻ،
رتيءَ جي رهاڻ، جيءُ آڙايم جت سين.

Gul Hayat Institute

O sisters, such I did not know. Unwitting marriage-tie I bound;
Else less, assuredly, had been the suffering that the Hillman caused.
For tawdry pleasure I entwined my life within the camelman's.

## ڇهون داستان

ڏُکا ڏُونگر ڄامَ، مَ ڪر معذورن تي،
توتي لڄ، لطيف چئي، آهي سندي عام،
مارِ مَ چئي معذور کي وَهيان ڪانڌ ڪلامَ،
پرچج پيادن سين اَلله لڳِ علام،
ڏمَر ڏونگر ڄامَ، ڪِجن پاڻ شريڪ سين.

## XVII

Sasui.
O tyrant Mountain, heap no dread on hapless girls.
Sayid.
The world respects thee, Sasui, saith Latif.

Gul Hayat Institute

Sasui.

My powerful lord, kill not thy wretch with holy words.
For God, All-Knower, be at peace with wanderers.
Leave her not lonely, Hot, who through thee won a boon.

ڪيهي ڪلفت تنهن سين جا گولي اهنجي گامَ،
ورج تون وريام، مون ۾ پهچ ناه ڪا.

O tyrant Mountain, gainst thine equals work thy dread.
Why dost thou deal thus harshly with thine hamlet's slave?
Come back, my hero, for in me no strength resides.

پير پٿائِين ڪئنرا ڏونگر مٿي ڏي،
ڦٽيا ڦڙ فقير جا سِيرون ٿيئڙا سي،
جِهڙي تِهڙي دل سين پُري پنهونءَ ڏي،

Gul Hayat Institute

وجي مانَ وري، پانهيءَ پنڌڙُ جنهن سين.

Set foot on mountain; softer be thy foot than silk.
Sayid.
Sad though her plight, towards her Punhun went the slave.
So go she: and return with him with whom she's bound.

## ستون داستان

وندُرِ جي وڃن، سي مر ٻڌن سندرا،
ٻيون ڪوهُ ٻڌن، چوڙي جي ڇڏينديون؟

XVIII
Who go to Windar, le them gird their loins.
But why should thy, their girdles who unbind?

ويٺي وَر نه پون، ستي ملن نه سپرين،

Gul Hayat Institute

سي مَرُ ويٺيون رُون، جن مسافر سپرين.

It is not while we sit, our loved ones come.
Well may they weep whose loved ones
wander far.

لُڇي، ڪين ڪُڇي، اَٿي منڌ اَندوھ ۾،
پر ۾ پير پڇي، لالن جو، لطيف چئي.

Sasui suffers torture, gnawed with grief
No word she uttereth: but secretly
She seeks for trace of her well-beloved.

ٻريائي ته ٻار، ڦوڪِ ته لڳي اَنبرين،
هتي جي هئڻ جُون، وٺون سپ وسار،
سموري سرڪار، نيئي رکج ناه ۾.

Gul Hayat Institute

If love's fire is a-kindling, kindle it
And fan it till its flames shall reach the skies.
Forget the very stuff existence is;
In non-existence place it all away.

# اَٺون داستان

اَڏَرَ، نِڌَرَ، اَپري، اَسونهين آهيان،
لُڙڪَ، لعل لطيف چئي، ور لئيءِ وهايان،
هيجان هنجون حَبِ ۾ هوتن لَيءِ هاريان،
جانب ضعيفيءَ سين پنهل پهايان،
پيهان پچايان، جي مان نيو پاڻ سين.

XIX

Sasui

Strenghtless, feeble, weak, without a guide.
I shed tears for my husband. From mine heart
I pour love's tears forth. Yet thought weak I be
I strive to make my peace with Punhun. Love,
I'll grind the corn and bake it: only thou
But take me with thee so I be with thee.

Gul Hayat Institute

اَچي عِزرائيل سُتي جاڳائي سسئي،
ٿي ڀوڙائي دليلَ ته پنهونءَ ماڻهو موڪليو.

Sayid.
When Azrad came and woke the sleeping girl,
Sasui fancied Punhun sent this man.

مُنڪِرَ ۽ نَڪيرِ کي جڏهين ڏٺائين،
اڳيان اُٺي اُن کي پنهل پڇيائين،
چي ادا، اِئائين، ڪو ويو ساٿ سڄڻ جو؟

When Munkar and Nakir she saw, she asked
For news of Punhun thus: 'Oh brothers, say,
Did any party of my friends pass by from here?'

Gul Hayat Institute

## نائون داستان

ويٺيس وک نه اُپڙي، تون آرياڻي آءُ،
چڪيءَ تو سين چاءُ، پاسي پر پيئي رڙهي.

XX

She sate her down: no step could she advance;
She cried come, Ariyani: worn am I
And deep in love with thee. Towards thy side
I creep.

هيڪلائي هاڻ، پوريندِيس پنهونءَ ڏي
ڪنديس ڪوهيارل سين رُچي روح رهاڻ،
رُلي چُلي چپرين ڪنهن پر لاهينديس ڪاڻ،
آهيان گهٽو اَڇاڻ، سُور پِريان جا ساڻ مون.

Where Punhun is, I'll go alone,
Glad in my hillsman I'll delight my heart.
O'er mountain wandering, wandering, somehow thus
I'll find my need assuaged. Oh, fool am I!

Gul Hayat Institute

دوست ڏنائين دل سين، ورچي تان نه وهي،
لانچي لڪ لطيف چئي، پهڻن منجھ پهي،
سندي نينهن نِهي، ڪئي سرفراز سسئي.

With me abides the pain that comes of friends.
Her heart discerned her lov'd one. Overborne
Not thus she rested. Nay, so saith Latif,
She scorns the pass and enters stony gorge.
The lovestruck Sasui to honour rose.

ڏهون داستان

آءُ اوراهون سپرين، وڃَ مَ اَڳاهون،
ٿڪيءَ ڪڏي ٿرن ۾ ٻاڪاريو ٻاهون،
درد جون دانهون، مون ماريندين، موٽُ تون.

XXI
'Come near, Beloved, go not far away.'
Outworn she raised aloft her arms and cried

Gul Hayat Institute

Amidst the desert waste: 'My cries of grief,
Will kill me, Loved One, come thou back to me.

آءُ اوراهون سپرين، پري وڃ مَ پِيءُ،
موٽُ، مرندين ڇپرين، تون جيارو جِيءُ،
هوت مَ ڇڏج هيءُ، پنهون، پيادي پنڌ ۾.

Come near, Beloved, go not far away.
Return. Mid mountains, Giver of Life, I die.
O Punhun, Friend of mine, desert me not
While forward on my feet I make my way

مَچُڻ وَرَ، وِسارئين، آري لڳِ اَللهَ!
توکي ساريو ساهه، اُڪنديو آهون ڪري.

O Ari, Husband, for the sake of God
Forget not me. My living core remembers
In heaving sighs.

سنڌيون سور ڪرينِ، هڏُ پڻ ڪڙهي هوت ليءِ،

پِرين جي پاڙُ ڏنا، سي ستي سک نه ڏين،
جي ماڻهن کي مارِين، تن سورن کي سڏ ڪريان.

My joints are paining and
My bones a-boil for my beloved Friend.
In very sleep indeed love's pain no rest
Vouchsafes. I summon pains that murder men.'

منڌ نه منجهان تَنِ، پِسي لڪ لڏينِ جي،
جا پَرِ ڪاهوڙِيَنِ، سا پر سِکي سسئي.

Not such is Sasui as tremble they
Who see the pass. For she hath learnt the way
That is betrodden of Khahoris feet.

Gul Hayat Institute

# سُر ديسي

## پهريون داستان

مُنيس جَهلِ مَهارَ، ڪُنيسِ ڪاهِ مَ ڪَرهو،
مون نماڻيءَ جي نِجُهري پيرو ڪَجِ پَتار،
ساجَنَ ٿُهان ڌار، ڏٺم ڏينهن قيام جو.

XXII

Misfortune slays me. Seize the reins. Alack!
Drive not the camel off. Come, visit me
Lowly within mine hut, O Husband, Friend.
Without thee I have seen the judgment day.

ڏاگهن ڏيرن، ڏونگرن تنهي ڏنم ڏک،
سي سڀ پانيم سُکَ، هيڪاند ڪارڻ هوت جي.

Bad hap they brought me, camels, spouse's
kin
And hills. Yet joy I counted them in hope
I'd join my love.

اَڳڻ مٿي اوپرا جڏهن ڏاگها ڏٺئي ڏينهن،
وٺي سَڙَڪ سسئي هوند وِهُ وِهاڻيءَ سينءَ،

چوٿيءَ سين چانگن کي جڙِ زنجيرن جينءَ،
ته هوت تنهنجو هينءَ، پنهون نئائون نه پاڻ سين.

When, Sasui, during day
Thou sawest alien beasts within the yard
Thou should'st have held them till the evening time.
With chains of thy head's hair hadst thou them bound,
They had not filched Punhun thy love away.

اَڱڻ مٿي اوپرا جڏهن ڏٺئي توڏا،
ونگي نه وارن سين تن گورن جا گوڏا،
لڪن جا لوڏا، هوند نه سٺئي سسئي.

Thou sawest alien beasts within the yard:
With thy head's hair thou didst not fasten them,
Oh why? Thou wouldst not then have undergone
The grievous torture of the mountain-pass.

Gul Hayat Institute

اڳي اُٺ رڙن، مون پيري ماٺ ٿي،
پلاڻيندي پاڙ ۾ ڪڇيو ڪين ڪنن،
ڪا جا مام مٺن، هِن پِڙ هئي هُن سين.

The camels used to grunt. But this one time
For me was nought but silence: not a word
The drivers uttered saddling up the beasts
To drive them off, some seret bargain made,
This man with that. No! No! not wicked
were

مٺان جيءُ جتن، گهوريو گهوري سسئي،
پازي جي پنهل جا ڪارون ڪري تن،
ڪيچِ متان ڪا ڪن، بيشُڪري ڀنڀور جي.

Sayid.

Yielding her life to camelmen, to Punhun's
hinds called Sasui,
Lest any man in Kech should treat her
Bhambhor town ungratefully.

Gul Hayat Institute

# ڏھون داستان

واڪو هَڏِ مَ لاھ، ڪرِ سَڏُن مٿي سڏڙا،
متان تنهنجي ڪاءِ، سگِر ۾ سار ٿئي!

XLIII

Cease not calling. Utter cries on cries
Lest memory of thee fade
Amongst the camelcade.

وهين ۾ ويلا ڪرين، پڇين ٿي پانڌي،
هاري هيڪاندي، ڪنهن پر ٿينديئءَ هوت سين.

Thou sittest idling! Dost thou ask thus wise;
'What of the travelers? Whither journey made?
Oh! By what way aright wilt thou with Hot unite?

وهين ۾ ويلا ڪرين، اِيءَ نه اُڪنڊ آه،

Gul Hayat Institute

سي لاڳاپا سڀ لاهِ، اوريان اُپارين جي.

Thou sittest idling? Such is not love's way.
Break all the bonds that tied
Thee fast to Bhambhor side.

پاڙي ناه پروڙ، ته ڪا رات رنجائي گذري،
ٻانڀڻ ٻروچن جي گهائي وڌي گهورَ،
هڪ سسئي ٻيا سُور، ويا پٺيندا پاڙ ۾.

The neighbours know not sad night turned to day.
By thought of the Baluchis tried.
The Brahman girl a wound of grievous sorrow found.
Here Sasui was: there sorrows were. The two
Went off together mourning.

Gul Hayat Institute

تان ڪا ڪِجو ور، ڪميڻيءَ تي ڪيچيا،
آءٌ اوهان جي آهيان بندي بي ٿَمر،
اَچي ڪوهيارل ڪَرِ، دلاسو دلگير کي.

O men Kech. Returning
Come somehow to this wretch whom woes subdue.
I am your slave without the food of earning.
To me sad stricken, come, hillsman, bring comfort home.'

چا جي ڏنگا ڏير، منهنجو ڏِينهن ڏنگو مَ ٿئي،
اُٺن ۽ اوٺيئڙن جي چا وهيڙو ويرَ؟
هِي ڪميني ڪير، جا اَمُرَ کي اَڏي ٿري؟

My husband's kin. But only let my fate
Be fair. What evil lies in camelkind
And keepers? O what luckless girl is she
Who finds herself athwart the will of God?

Gul Hayat Institute

ڏُريائين ڏاريان، مِٺ مٺيءَ جا نه ٿيا،
مدي ڏيرن من ۾، آءٌ ڪليو ڪيڪاريان،
صبح جان ساريان، ته اُٺ نه اُوٺارن ۾.

The camelmen were strangers from the start,
No friends of wretched me. My husband's kin
Bore me ill-will. I smiled and welcomed them.
By morning's tally camels none I found

جَتَنُ ڪَج جتنِ جو آيا ڪ اِيندا،
وٺي پنهون پاڙسين وٺان تو ويندا،
دم نه دميندا، سڌاريندا ساٿيھ ڏي.

Where camels rest. Ware camelmen: thy're come
Or coming. Punhun they will take away.
Breathing no breath, and set their course for home.

Gul Hayat Institute

## پيو داستان

اَلله ڪارڻ اوٺيا ڪرها مَ ڪاهيو؟
جانبَ جڏي جيءَ جو اَڳانديو آهيو،

لاڳاپو لاهيو، متان منهنجو سپرين.

XXIII

Sasui.

Drive not he camels off for Allah's sake,
O camelmen,. Ye friends adored, sustain
This bruised heart. Burst not my loved one's bond.

اَلله ڪارڻ اوٺيا ليڙا نِيو مَ لُر،
نيئو نماڻي پاڻسين، ٻانهي جهلي ٻُرَ،
مون کي ماري منجهه ٿي سندي هوتن هُرَ،
ڪچو لايان ڪُرَ، ڪيچان اوري جي وران.

Drive not the camels off for Allah's sake
In haste, O drivers. Take thy slave beside.
Let her clutch the camel's hair. Love's memory
Effects the ruin of my soul within.
In deep dishonour shall I plunge my race
If from the men of Kech I turn aside.

Gul Hayat Institute

بره مٿايس بَرُ، نه ته سُکي ڪيرَ سڏون ڪري،
گهٽو ڏوريائين ڏک سين ڏيرن ليءِ ڏونگرُ،
شل وري آيس ور، سفَر مئيءَ جا ساب پيا!

Sayid.
Love set her wandering 'er the desert waste.
What else fills happy girl with such desires?
In grief for husband's kindred midst the hills
She did much journeying. Had her spouse returned,
Her luckless journeyings would have found her grace.

## ٿيون داستان

Gul Hayat Institute

پرٿن جي پاڙي، جاڙ گذاريم جيڏيون،
جنهين مون کي ماريو سُورن سين ساڙي،
اِرادي آڻي، سانگين سين سگ ڪيو.

XXIV

Ah womenfolk! Beside the washerman in vain
My time I spent, which hap hath me undone.
Burning me up with griefs. Heaven willed that I
Contract a marriage bond with passing folk.

چوري ندوري نڪو مائٺ منڌ جو،
سوين هلن ساٿ سين ڪمِي ۽ ڪوري،
آءٌ پڻ اُن مان آهيان لنگهي ۽ لوري،
تون لنگھائين، لطيف چئي، ٿرن جا ٿوري،
آهيان اَزوري، تنهنجي ترهي مَنَ لنگهيا!

A woman luckless, left without her kin!
In hundreds with the caravans there go
Workmen and weavers: yet this beggar me,
Creature of little worth, (so sings Latif),
God, bring me past the Thoris, watering place.
I have no strength: on thy bark let me cross.

Gul Hayat Institute

# چوٿون داستان

سمر جنهين نه ساڻ، هوت حماتي تن جو،
ڪري چيچ چپر ۾ پنهون اِيندو پاڻ،
ٿيندي روح رهاڻ، لحظي منجھ لطيف چئي.

XXV

Sayid.

The Friend helps them whose panniers are not full.
In happy throng hillmidst will Punhun come
And in a twinkling gladdened the soul will be
Thus saith Latif.

جبل سُڃن جال، اَڏا آريچن ڪي،
هاڙهي ڏي هٿ ڪنيو چَپَر مِڙان چال،
ڪيچي وئڙا ڪالھ، آءٌ اَڄ ٿي ڏونگر ڏوريان.

Sasui.

Full many hills, men say,

Gul Hayat Institute

Stand where Arichas are. T'wards Harho's hill
Lifting my hands, let me the mountains join.
'Twas yesterday the Kechis went. Today
I roam the hills counting.

چپر چَمَرُ پانيان ڪانپو ۽ ڪارو،
پَبُ وجهنديس پٺ تي صبح سوارو،
وڃڻ مون وارو، ڪين وهنديس وچ ۾.

As thy were clouds,
Kambho and Karo hills. The hill of Pubb
By early morning I shall leave behind.
Now must I go: nor shall I rest between.

## پنجون داستان

Gul Hayat Institute

ڪرڙا ڏونگر، ڪَہ گهٽي، ٻي واٽن تي واري،
اَڏا لڪ، لطيف چئي، ٻيا بر سُڃن باري،
جا منزلن ماري، سا قادر ڪيچ رسائين.

## XXVI

### Sayid.

The hills are harsh, the dust is great;
The paths are all o'erlaid with sand.
The passes hinder, saith Latif,
And fierce, they say, the deserts stand.
Her, worn by journey stages, Lord,
Bring safe within the Kechis land.

سِڪي جان ستياسِ، تان سڪ سمهڻ نه ڏئي،
جاڳي ستيس جن لَيءِ، سي آيا تان نه اُٿياس،
پينر آءُ پُلياس، نه ته سِڪ سُمهڻ چا لڳي.

### Sasui.

By love o'ercome I fell asleep.
Love brought no respite to my frame.
I sank to slumber keeping watch
For those I loved. But when they came
I woke not, sisters. I was wrong
To make of love and sleep the same.

Gul Hayat Institute

ماڻڪ مِٺ سندوم، اُنداھيءَ ۾ سوجھرو،
حشر ويل حساب ۾ ڇڏي نه ويندوم،
ساريو سڏ ڪندوم، ڪوھيارو ڪيچ ڌڻي.

He is a jewel, this my kin:
In darkness he is as the light.
When on the reckoning day they count
He will not let me from his sight.
He'll call me and remember me,
My hills man, Lord of Kech-land's right.

## ڇھون داستان

پنھونءَ سين پرت جو ڪو جو پيچ پيوم،
پنپي ھن پنپور ۾ وِھڻ وه ٿيوم،
متيون موٺڻ سنديون ڪاڪيون ڪيمِ ڏيومِ،
سرتيون ساھُ سَندوم، ٿيو حوالي ھوت جي.

## XXVII

So much with Punhun is my love entwined,

Gul Hayat Institute

To live in beauteous Bhambhor is for me
As poison. Urge no coming back, mine
aunts.
My life, O friends, is given in trust to Hot.

ڪو مُنهن ڪُٺَل آئيو، ناه ويچاريءَ وَسُ،
هوت تنهنجي هٿ ري گوليءَ ٿئي نه گَسُ،
ڏي ڏکيءَ کي ڏَسُ، ته موڙهي ڪو منهن ٿئي.

The stricken one some indication had.
The wretched girl is strength less; nor can
slave
Without thy hand, Hot, follow any path.
Show her some sign her muddled sense may
grasp.

ڪڏهن تان پاڄه پَئِي، ساجن مُنجُ سلام،
سڪ تنهنجي سپرين ڪيو تَنُ تمامُ،
هٿين هاج وِهُ ٿي، نيٽين ننڊ حرامُ،
آءٌ دوست نه سهان دامُ، تون وِندر ٿو ويلا ڪرين.
Sometime in mercy speak me fair, Belov'd

My love for me my body hath undone.
Hands' work is poison, sleep to eyes forbid.
I cannot wait an instant, Friend, whilst thou
In Windar taste the joys of happiness.

جڏهن پنيءِ باس، چپر هوت پنهونءَ جي،
اَديون آريچن جا وڻن مڪا واس،
آيَل پُني آس، ڪامل آيو ڪيچ ۾.

When to the hills there Punhun's fragrance came
The trees breathed forth Arichas' redolence.
The wishes, mother, of my heart come true.
There hath arrived in Kech the Perfect One.

Gul Hayat Institute

# سُر معذوري

## پهريون داستان

هلندن هوت پنهونءَ ڏي، ڪجن ڪي ڪوٺيون،
پاهَڻُ تنهين پَٽُ ٿئي، جي لالن لَيءِ لوٺيون،
سپ سهيليون سڪ تي چُنجون ۽ چوٺيون،
ٻانڀڻِ ٿي ٻُوٺيون، ته ڪِينَئي ڪُتا ڪيچ جا.

XXVIII

Sayid.

Those girls are false who tired while journeying
Towards the Friend, the Punhun whom they loved.
But they who suffered trouble for their love
Find stone as soft as silk: and happy are
All they who're bruised and broken in the quest.
O Brahman girl, let flesh be cut as meat
The Kech dogs raven and devour what's cut.

Gul Hayat Institute

سپ ننگيون ٿي نڪرو، پڙهڻ چڙهي پوءِ،
مهند مڙنئان هوءِ، ڪهي جا ڪين ڪٽي.

All girls, go naked: put no clothing on.
Lo: first of all the throng is she who ploughs
Her way light-handed.

وَصُلَ تنهن وڃائيو سِينڌِ سرمي سِيئن،
سا لُوڻي ليلان جيئن، مَٽيون جنهن مِڻُ ڪيو.

Who bedecked yourself
With neat hair-parting ruined union's joy.
She who like Lilan loved the jewel's appeal
Was scorched with burning.

هورِنِ هاڙهو لنگهيو، ڳوريون پاسي ڳوٺَ،
ڪيچ تنهين کي ڪوٺ، ڪِين جنهين جي ڪڇ ۾.

They who nothing bore
Crossed Harho's hill, and seeking love they came
Beside the village of their heart's desire.
Kech sent its summoning call to them who went

But carried nothing underneath their arms.

## پيو داستان

پائي حال هلي ويا، ڪنهن کي سُور سَلان؟
ڪنيو لڄ لطيف چئي، لڪن منجھ لُڇان،
پانڌي ڪيرُ، پُڇان، وِهان تان وس پيو.

XXIX

My bosom friends have gone away:
To whom shall I my sorrow tell?
With shame as burden (saith Latif)
I roam amongst the passes. Who
A traveller is for me to ask?
Let me sit down that there may come
Into mine hand what I desire.

Gul Hayat Institute

ڪنڌا مون پيرن ۾ توڙي لڪ لڳن،
آڱر اَڱوٺي نه مِڙي، ڇپون پير ڇِنَنِ،
ته به ويندي ڏانهن پِرين، جُتي ذات نه پائيان.

Le thorns in thousands pierce my feet:
Let big with little toe not join:
Let feet be torn upon the rocks.
Nay: when I go towards my love
I'll put on no such thing as shoe.

جتيون سي پائينديون، جنهين پير پرين،
لاٿيون سپ پرين، سسئيءَ سپيرِن کي.

They'll put on shoes who count their feet
As they would friends. For her love's sake
Sasui put her shoes away.

## ٿيون داستان

مري جي ته ماڻئَين جانيءَ جو جمال،
ٿِئَين هوند حلال، جي پَندِ اِهائي پارئين.

Gul Hayat Institute

XXX
By dying live that thou mayst feel
The beauty of Beloved. Thou

Wilt surely do the righteous thing
If thou wilt follow this advice.

مر ته موچاري ٿِئين، ويهي جيءُ مَ جوءِ،
منڌ مرڻان پوءِ، پهچندينءَ پنهون کي.

Die, that thou prosper. Sit not down,
O woman, live and after death
Thou wilt unto thy Punhun come.

مرڻا اَڳي جي مُئا، سي مري نه ٿيا مات،
هوندا سي حيات، جيَئڻا اڳي جي جيا.

They who so died before their death
By death are not in death subdued.
Assuredly they live who lived
Before their life of living was.

جِئيَڻان اَڳي جي جيا، جڳ جڳ سي جِيَئن،
موتي ڪِينَ مرن، مرڻا اڳي جي مُئا.

Gul Hayat Institute

Who lived before their living was
From age to age will live for aye.
They will not die again who died
Before the dying came to them.

پر ۾ پڇي پِرين کي مري نه ڄاتوءِ،
’موتُؤ‘ منڌ نه سوءِ، ڪَنڌُ ڪڄاڙئان ڪاٽئين.

Thou didst not know thy death was there,
In quiet questing for thy love.
Thou didst not hear, O woman, this:
'Die: why dost thou behead thyself?'

## چوٿون داستان

هٿين، پيرين، مونڙين، هلج ساڻ هِنئَين،
عشق آريءَ ڄام جو جٺن نباهي نِئين،
جان جان ٿي جٺين، تان پاڙج ڪوم پنهونءَ سين.

## XXXI
## Sayid.



Gul Hayat Institute

Use feet and hands and knees, go on:
Go forward earnestly that thou
Bring to its crown Lord Ari's love.
As long as life lasts, let none else
The equal of thy Punhun be.

هٿين، پيرين، مونڙين، ڪهج پر ڪپار،
متان چوري! چڙهئين پرين جي پچار،
توکي سند سسئي سَنَدَي لنؤ لغار،
هُجنِ هوت هزار، ته به پاڙج ڪوم پنهونءَ سين.

Use feet and hands and knees, trudge on
With all the strength thine head command.
Fond girl to give up news of him
Thou lovest! For the spark of love,
O Sasui, is thy passport's aid.
Let there be Hots in thousands, yet
Make none of them thy Punhun's peer.

ڏڪيءَ ڏورڻ پاڻ تي ويچاريءَ وڌو،
ڏيلُ جنهن جو ڏک سينَ سپوئي سڌو،

هئڙُسِ اَڳ لِڏو، پوءِ ٿي ڪري پنڌڙا.

The wretched girl laid on herself
The task of searching for her love.
Her body which with anguish sore
Was tortured, suffered pains of fire.
Her fate, foredoomed ere that, was writ.
So later came the trudgings-on.

پنڌ نه پنڌن جيترو، ڪئن سُڄندي ڪِيہَ،
جيڪر ڪريان رِيہ، پر چوندا مُنڌ چري ٿي.

Great was the distance: could a shriek
Be heard across it?
Sasui
If I cry
The folk will say that I am mad.

چونم مَرُ چري ٿي، پر جي سڌ سُڻِينِ،
مر مون کي ڏين، ماڻهو اَچيو مهڻا.

Gul Hayat Institute

Well, let them say it; if they hear,
They only heart the cry I raise.
Yes, let them come and give reproach.

ماڻهو ڏيئي مهڻا مون کي ڪندا ڪوه؟
جي چوڙيُمِ چوهُ، ته پڻون ٿينديس پير تي.

What will reproaches do to me?
If I speed onwards I shall be
In pieces broken when I fare
Upon the tracks my love has made.

## پنجون داستان

جَهلي تان نه رهان ڏاران پسڻ پرينءَ جي،
اَپر عاجز آهيان، لالُن جان نه لهان،
فردا مون ڦٽي ڪي، وعدي ڏي نه وَهان،
صباح سِين نه سهان، خواه مِڙين خواه مارئين.

## XXXII

Sasui.



Gul Hayat Institute

Restrain myself howe'er I try,
I cannot stay unless I see
Beloved's face. Unbounded grief
Without my love assaileth me.
Avaunt, tomorrow: I'll not bide
By promise that tomorrow tells.
I cannot wait tomorrow's day:
Or meet me, love, or kill me, else.

جيڪي ميڙِ مُٺيءَ کي، جيڪي سي مار،
ڏکيءَ کي ڏيکار، هيڪر هوت اَکين سين.

Bring union to a wretched girl,
Or kill her: only show her eyes
The Friend she loves.

Gul Hayat Institute

ڏکي ڏک وسار، سيج ڦٽي ڪر سسئي،
پڻين پير نهار، ته آرياڻي اُٺان لهين.

Sayid.
Sad soul, dismiss

Thy sorrow from thy memories.
Away with thy luxurious couch,
O Sasui girl. Out o'er the ground
Seek, to the finding, Ari's feet.

ڏکيءَ سنديون ڏونگرِين پسو پٿون پُون،
مئي پچاڙا منڌ کي روجھ رڇن ۾ رُون،
پُٽان اِنهين چُون، ته مئيءَ اَسان کي ماريو.

Lo! Curses fall on hills around,
The curses of the hapless one.
When she is dead, the deserts through,
The deer with constant wailings say:
'She who is dead hath killed us too.'

ڏکيءَ توءِ ڏُڪار، توڙي وَسن مينهڙا،
صاحب هٿ سُڪار، وس آهن هَٿڙا.

Afflicted one, thy famine stays
Though there may fall the showering rain.
The Lord hath plenty in his hands.

Gul Hayat Institute

In raising hands to Him there's gain.

## چهون داستان

آءٌ نه گڏي پرينءَ کي، سهسين سج ويا،
هلڻ وير هئان، ڏيکي شال دم ڏيان!

XXXIII

Sasui.

I did not meet my love although
An hundred suns to setting sped
O let me yield my life when I
Have seen him, hence my journey made.

آءٌ نه گڏي پرين کي، تون ٿو لهين سِج،
آءٌ جي ڏيئين سنهيا سي نيئي پريان ڏج،
وجي ڪيچ چئج، ته ويچاري واٽَ مُئي.

I have not met my love but thou
Art sinking to thy rest, O Sun.
The messages I give thee, take

And tell to my beloved one.
To Kech go, say: 'The sad one died
Upon the path.'

آءٌ نه ڳڏي پرينءَ کي مٺان آيو موت،
جيڪس ٿينديس فوت، فنا هن فراق ۾.

'Twas not for me
To meet my love: death supervened
I'll die, be nothing utterly
In separation from my love.

وِلاڙيو وڻين چڙهي، ڳِجهنِ ٿِيندي ڳاه،
سسئي سوريءَ چاڙهيو پِريان لاءِ پساه،
هُو مِرون، هيءُ ماه، ڪِين ڪمينيءَ رکيو.

Sayid.
She will become the vultures' food,
Upon the trees, for all her speed.
For her love's sake Sasui stood
Her life upon the gallows tree.

Gul Hayat Institute

There wild beasts are: her flesh is here.
She kept back nought, the wretched one.

رُڃن ۾ رڙ ٿي، ڪَرَ ڪُرڪي ڪُونج،
نعرو منجھ نڪُونجَھ، اِيءَ تان اَهَ عشق جي.

Within  the wastes a cry comes sheer;
And mournful sound of wailing crane.
A shriek within the eddy rings:
It is the cry of lover's pain.

## سر حسيني

## پهريون داستان

Gul Hayat Institute

اُلهي سج اَوير ڪِي، ڏٺائين ڏونگر،
سسئيءَ کي، سيد چئي، سورن جو ٿمر،
ڪنل رکيو ڪَرُ، ويچاريءَ وٽڪار تي.

XXXIV

Sayid.

With set of sun the leteness came:
On mountain fell her gaze.
With sorrows she was furnished;
On Wankar's block she laid her head,
Victim of evil days.

اُلهي سج اوير، مَ ڪر معذورينِ تي،
پسي مران پير، ڏُونگرِ، ٻاروچن جا!

Sasui.

Sink not, O sun, nor make it late
For those o'ercome with woe.
Hill, if I see Baluchi tracks,
No matter if life go.

Gul Hayat Institute

ويو ٻاروچو نڪري هاڻي ڪريان ڪيئن؟
سج اُلٿي سيئن، سٿون ڏينديس سچ ۾.

Out and away Baluch hath sped.

By me can aught be done
Now? I shall haste across the waste
As soon as sets the sun.

ويٺي مون ويو، لُڙهي سج لَڪن تان،
آءٌ ڏوريندي ڪيترو پهٽن پير پيو،
سُورن ساڻ سِهو، اَڇي ٿيئَڙم جيڏيون.

Across the stones how many steps
Must I take roaming on?
Girl friends, it was with griefs alone
Relationship I won.
Let none come with me; only waste,
They say, lies on and on.

سرتيون سُڄي سُڄ، متان ڪا مون سين هلي،
پاڻي ناه، پنڌ گهڻو، اڳيان رائو، رڳي رڃ،
متان مري اُڃ، ڪا ڏئي پاراتو پنهل کي.

No water there, the distance great:
Before me, desert, sand.



Gul Hayat Institute

Cursing Punhun's name let none
Of thirst die in that land.

## ٻيو داستان

ڪي ڏرتتي ماءُ، ڪي ڇَر سندي سڄٽين،
هلي ۽ واجهاءِ، ٻنهي ڇيرن وچ ۾.

## XXXV
## Sasui.

O mother, love's consuming fire assails me from my love:
In part 'tis love's internal flame, part heat of day above.
I go and going hesitate amidst the double burning-fire.

Gul Hayat Institute

مٿيان مٿي مچ، پريم ٻاروچن جو،
مون کي طعنا ٿي ڏئين، جئن نه پروڙين سچ،
اَمڙ واري اَچ، ته سِٹَ سٹاَيَنءِ سور جي.

High o'er my head for the Baluch the flames of conflagration rise.
And yet thou tauntest me because the truth is hidden from thine eyes.
Return, my mother, that I may tell thee the language of my woe.

منجهان منهنجي روحَ، جي وجي ساڃن وسري،
ته مَرُ لڳي لُوهَ، ٿَرَ ٻاٻيهو ٿي مران.

My love forgotten, verily for me the parching winds may blow;
And I may perish in the waste as doth the desert lark expire.

اَمڙ وڃي اَٽ، چرکو اَتڻ وچ مان،
ڪتيمُ ٿي جنهن ڪاڻ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

O mother, from the spinning seat remove the spinning wheel away.



Gul Hayat Institute

That man of hills for whom I spun went
home to Kech nor did he stay.

پهي ڪا م پِڃاءِ، امڙ منهنجي آسري،
ڏيئي لت چرکي پوٽيون پاڻيءَ پاءِ،
ڪتيم ٿي جَنهِين لاءِ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

Card not the ball of cotton now if, mother,
thou for me dost care.
Kick down the wheel and cast the cotton-
ends upon the water's face
That man of hills for whom I spun went
home to Kech, which is his place.

پَهي ڪا مَ پِڃاءِ، امڙ منهنجي آسري،
ڏئي ڪي ڪتاءِ، مون کي نينهن نهوڙيو.

Gul Hayat Institute

Card not the ball of cotton now if, mother,
thou dost care for me.
Love struck me down. Get cotton spun and
pay for it the spinning fee.

ڪتڻ ٻنِ، ڪپاه، ڪوهِ اَتڻ ٻن جيڏيون،
ساڃن منهنجو ساهُ، هاڃي منجھ هٽي ويو.

The wheel and cotton, spinning seat, O girls,
banish anywhere.
The man I loved, who is my life, has gone
and brought me sorrow's pain.

اَتڻ چونَمِ ڪَتُ، تاٽيان تند نه نڪري،
پاٽاڙ رَوئي رت، چرکو مون چِڪ ڪيو.

In spinning-place the say to me: 'Spin.'
Though the strands I pull and strain
No thread emergeth. But the wheel to stain
with tears hath been my lot.
With tears of blood.

جئن جئن تپي ڏينهن، تئن تئن تاٽي پنڌ ۾،
ڪو آڳانجهو نينهن، ٻانپڙ ٻاروچن سين.

Sayid.

The Brahman girl pulled forth the thread of faring long.
Some ancient love she must have had to bind her to Baluchi throng.

جڏن جڏن پڄي رات، تڏن تڏن تاڻي پنڌ ۾،
پوريءَ ہي نه تات، جيڪا سا جتن جي.

As night to dripping fullness swelled, she pulled and gathered journey's thread.
Poor one, what'er her thinking was, to camelmen for her 'twas wed.

نڪو ليکوئي ٿيو، نڪو تتو ڏينهن،
تهان اوري نينهن، ڇنو آتڻ وارئين.

Gul Hayat Institute

She sallied forth and paid no scot, nor had the day become then hot.
Ere that could be, she burst the ties that bound her to the spinning girls.

جان جئين تان جَلُ، ڪانهي جاءِ جلڻ ري،
ٺڏيءَ تتيءَ هَلُ، ڪانهين ويل وهڻ جي.

Burn while thou livest, there's no place
except for fire that in thee swirls.
In cold, in heat go on, go on: there is no time
to stay and rest.

تان تان ڪَرهَلُ ڪاه، جان جان اَٿيئي سوجهرو،
متان ٿئي اُونداه، پير نه لهين پرينءَ جو.

Drive on the camel while 'tis light,
Lest darkness fall and thou not sight
The tracks of them thou lovest best.

## ٿيون داستان

Gul Hayat Institute

گهمندي گهمندي گهور، آيم پاروچل جو،
ڇڏينديس پنپور، هِنيون هِت نه وندري.

XXXVI

While I went wandering on this thought of
the Baluchis came to me:
Bhambhor I'll leave? My mind knows no
enjoyment here. If only Hot.

ڀنڀوران ڀھر ٿي مون جي سڌ ڪيا،
سي جي هوت سُئا، ته هوند نه ويڙم نڪري.

Had heard the cries I raised outside
Bhambhor, not then mayhap indeed
Would he have slipped away from me.

ڀينر ڀنڀوران، ڀڄو تان اُڀھو،
اَڳِي اِن ماڳان، سَرتيون مون سُور ڀرائيا.

Flee Bhambhor, sisters,
and you will
Be saved. Ere this, my sisters, I have
suffered sorrow in this place.

Gul Hayat Institute

ڀينر هن ڀنڀور ۾ گھايل ٿي گھاريان،

سڄڻ جي سانگ ويا، سيئي ٿي ساريان،
سي ڪئن وساريان؟ جي وٿان مون واٿ ٿيا.

In this Bhambhor it is, O friends, a wonded life I spend. To them
Who went upon their journey memory clings. And how can I forget
Them who set off away from me?

ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو، مٿو اُگهاڙو،
منهنجو ڪڄاڙو، ڀينر هن ڀنڀور ۾؟

My bodice on my shoulder's torn:
My head is bare. What is my business, sisters, in this Bhambhor town?

Gul Hayat Institute

ڀليو سڀ ڀنڀور، جو ڀِنيءَ هوت نه هليو،
شهر سڃاتو ڪينڪي آرياڻي اَتور،
ماڻيو تنَهِين مورُ، ديکيو جنهِينِ دل سين.

All Bhambhor was mistaken. No one went from it to follow Hot.
The town had not the sense to know the matchless lord's, mine Ari's worth.
For them who saw with inward heart the bridegroom donned the marriage-crown.

جنهين ديکيو دل سين، پٺيءَ سي پييون،
ته پڻ ٿي وييون، جي پنهل نيون نه پاڻ سين.

'Twas they who saw with inward heart who after him went on their way.
They too were toiling after him who Punhun did not take with them.

چوٿون داستان

Gul Hayat Institute

هُيَس جي آئون، ٻانهي ٻاروچن جي،
هوند نه ڇڏيائون، ڏکِي کي ڏکن ۾.

XXXVII

Sasui.

Had I been the Baluchis' slave, they had not left me the prey
Of sorrow a sorrowful one, of that there is not a doubt.

آءُ جي هيس هَڏُ، اَديون، آريچن جو،
ساٿ لڏيندي سَڏُ، هوند ڪوهيارا ڪرينِ مون.

O sisters, had I but been bone of Arichas' bone,
The men of the hills would have called me at loading of caravan.

هُيَسِ جي سياءِ، ته ڪَيَمِ ڏُک ڏيرن تي،
پر اَدب وِچان اُن سين ڳالھ نه ڪيم ڪاءِ،
ذات، منهنجي ماءُ، ڪچو ٿي ڪيچن ڪي.

Had I had true marriage bond, reproaches I could have poured On the heads of my husband's kin. But out of my humble state

I unttered never word mother, my caste is a slur
In the minds of the men of Kech.

ساٿين سيئَن نه جاڳِي، پوءِ ڪچاڙيا روءِ؟
اِيءَ پر ڪپرِ هوءِ، جئن هو سانگي تون سُمهَين.

Sayid.
If she keep not her eyes awake
With the caravans, what then? Is it after that she should weep?
This way of thine was a pitiful way; when the travelers went
Thou didst sleep.

مون سڏيندي سڏڙا ساٿي سَڏُ نه ڏِينِ،
ولهيءَ جي وٿاڻ تي توڏا نه تنوارينِ،
هيڏا هاچا ٿينِ، بُري هن پنپور ۾!

Gul Hayat Institute

Sasui.
I call to my friends. But they do not answer my cries.

Ah luckless me! At my place the tongues of the camels were dumb.
So great misfortunes occurred to me in this evil Bhambhor.

## پنجون داستان

مسافرن ئون، ماءُ، وِرِهُ وِهايُم وِترو،
اَچي ٿيم اوچِتي تن سانگين سين ساڃاءِ،
جيجان جَهلَ مَ پاءِ، هِنيون هوت هٽي ويا.

XXXVIII

O mother, by travellers' fault I suffered such pang of love.
All unexpectedly came my knowledge of them to me.
Mother, don't hold me back. My friends have wounded my heart.

ڪِئَن اَڙايئي، پاند، پَلوَ پرڏيهن سين؟
متيون موڙهي سسيءَ، ڪيئيءِ ڪوهيارو ڪانڌ،

Gul Hayat Institute

رُلي پانيئي راندِ، ٻانپڙِ، عشق ٻروچ جو.

How with the alien folk wast thou tangled, kirtle and hem?
Thy sense went all awry when thou made'st of the man of the hills
Thy spouse, O Sasui, Play didst thou think the Baluchi's love,
Vagabond Brahman girl?

ڦُري آءٌ فراق، مون کي وصالان وچ پيو،
جي ٿي چڪيم چاڪ، سي پرينِ گڏجي پوريا.

By love I am looted and robbed.
Distance hath fallen between me and the union of love.
My friends when thy met me healed the wounds that wounded my soul.

چهون داستان

Gul Hayat Institute

آيا، آس ٺيام، ٻاروچا ڀنڀور ۾،
پسي پَهَرَ پنهونءَ جي نُهن سِين نيڻ ٺريام،
گوندر وسريام، سُکن شاخون موڪليون.

XXXIX

Sasui.

Mother, my hopes have found their crown.
The Baluch are come to Bhambhor town.
Some one from Punhun I saw: mine eyes
Grew cool to their veriest uttermost ends,
As the nail to finger tip extends.
My griefs I forgot to see joys' tree
In a branching fullness rise.

ڏيکارُيس ڏُکن، گُوندر گسُ پرين جو،
سُنهائي سورن، ڪي هيڪاندي هوت سين.

Sayid.

A child of woe, she was shown by woe
Love's pitiful path: and how to go
For union with Hot. For such journeying
Sorrows pointed the way.

Gul Hayat Institute

کنهين کنهين ماڻهئين گوندر وڏي وٿ،
ٻڌي ڳوڌ ڳُرَٺُ، ساٿو ڪجي سور جو.

For some folk see
That in sorrows there can an immense thing be.
Tie up thy cash in thy garment. With grief
Do thy bargain and trafficking.

سُورَ مَ ڌِي ڌُوڻ، آءٌ آهيان ڪاهِري،
جا پَرِ پاڻيءَ لوڻ، سا پر منهنجي جِندُڙي.

Sasui.
Grief, shake me not: for my strength is frail.
As salt in water, my life doth fail.

Gul Hayat Institute

سانگهارو سورن، ڪڏهن تان ڪونه ڪيو،
ٻائڙَ ٻوڙَ وهن، ڪالهوڻئان اَڄ گهڻا.

Sorrows' flood abateth nought, never at all.

Today flow the Persian wheels full course
With more than yesterday's water-force.

سور نه ساڳاهينِ، ڏين اُڏمان اوچتا،
مون کي مون پرينِ جا اَميا آهين،
لڇون جي لاهينِ، سيئي ڻيم سامهان.

Sorrows know no rule. With a shattering power
Their sudden terrors fall.
Deeper than depth are my love-sprung woes.
Friends who honoured me stand and oppose.

سورن لَڏو سُڄُه، پاڙهين پيهي آئيا،
ڪنهن کي ڏيان مَنجُه، مَرُ پيا چِٽڪن چِتَ ۾.

Gul Hayat Institute

Fine scope had my sorrows.Of their own move
They came and settled. To whom impart
The inmost promptings of my heart?
Lo! Lo! In my mind I am pierced though

With the pointed arrow of love.

لڳم ٻاڻ ٻروچ جو، اَمڙ، پل مَ مون،
روئي رڱينديس رت سين ڪيچان اوري پُون،
مادر مٿان مُون، ڪانگ لَمندا ڪڏهين؟

Mother, restrain me not: for the dart
The Baluch cast forth hath smitten my heart.
Weeping, the Kechward land I'll stain
With blood. For me will the crow ever sing,
Mother, glad notes of welcoming?

ڏکويُون ڏيهان، جيڪس لڏي ويئيون،
هاٹي ڪِن مُلان، پُڇان پرين خبرون؟

Those women have verily gone from the land
Who were o'erborne with pain.

Gul Hayat Institute

Whom now shall I ask of Beloved's sojourn?

ڏکويون جان نه مِڙنِ، تان تان پَنَڻَ نه ٿئي،

پيون هونهين هٿ هڻن، روئنديون رُئڻ واريون.

While afflicted ones meet not, 'tis futile to mourn.
Some wring their hands aimlessly: true mourners wail.

سُور وراهيان سرتيون، جي وراهيا وڃن،
پيون ڪوه پڇهن؟ جن سندا تن سامهان.

How shall I share out, friends, the woe
That can be shared? Do others know?
They have their loved ones in front of them,
And grief cannot assail.

پِيڙي پيڙي پنڌ، سورائتي سندرو،
ڪيچُ اَڳاهون پنڌ، متان لڪن ۾ لڳي مرين.

Sayid.
Gird up thy loins, O suffering one,
This time, all times. For Kech is far.

Gul Hayat Institute

Let death not find thee journeygone
And held where mountain-passes are.

ستون داستان

پُڇن سي پَسن، جڏهن تڏهن پرينءَ کي،
ڏورينديون ڏِسن، اَڱڻ عجيبن جا.

XL

Who after their Beloved ask, will always their Beloved see
And they who search are who behold the courtyard of Beloved's home.

پڇيو ئي تان پور، نه ته پڇڻ هوءِ مَ پرينءَ کي،
ڏورڻ واريون ڏُورِ، هڏ نه آهن هوت کان.

Gul Hayat Institute

Enquire, go on: else hadst thou not for thy Beloved query made.
The girls who search are from their Friend assuredly not far away.

آءٌ ڏورئين مَ لهين، تن مَ مِلين تون،
ته لُونءَ لُونءَ منجهان مون، لوچ تنهنجي نه لهي.

May I in searching find thee not: nor may thy body meet with mine.
That go there not from me the urge that moveth every single hair.

جيڪا ڪندي سڱ، مون جئن ٻاروچنِ سين،
اَنگهن چاڙهي اَنگ، روئندي سا رَتَ ڦُڙا.

Whose like me with the Baluch made kindred bond, hath set her flesh.
On beds of spikes and from her eyes the tears that are of blood spurt forth.

Gul Hayat Institute

جيڪا ڏيندي مَنجھ، مون جئن ٻاروچن کي،
مٿان ڳلن هَنجھ، ڪين لاهيندي ڪڏهين.

Whoso like me tells the Baluch the secret promptings of her heart
Will never cease to lave her cheeks with falling, ever falling tears.

## اَٺون داستان

آتڻ اورانگهي ويا، ڪري ڪميڻي ڪيئن،
هاڻ گهرجي هِيئن، ته ڏجي باه ڀنڀور کي.

XLI

The spinning-seat they passed and went.
What is an humble one to do?
Now this must be her task, with fire to set this Bhambhor town alight.

آتڻ اورانگهي ويا، پڻيءَ توڏن تاڻ،
وِهُ مَ منڊ ڀنڀور ۾، هُن پڇنديٖنءَ پاڻ،
رائي منجهه رِهاڻ، هَلُ ته ٿيئي هوت سين.

Gul Hayat Institute

The spinning-seat they passed and went.
Speed o'er the tracks the camels sped.
Rest not in Bhambhor, lady, thou wilt thus thyself then catch him up.
In sand delight lives. Fare thou forth that thou mayst be with Hot, thy love.

جاڻي سڄاڻي، مون کي ڇڏي هليا،
آءُ ڪئن ڇڏيان پانهنجو اَديون آرياڻي؟
پريم جو پاڻي، سو ڪيچين ڪم نه آئيو.

Of knowledge and of full intent deserting me thy went away.
O sister, how can I give up that Ariyani man I love?
I filled the jars with water: gain was none therefrom to men of Kech.

Gul Hayat Institute

## نائون داستان

روئي ڪنديءَ ڪوه؟ هاڻي ڪو هوت وري،

جيڏيون جيڏو ئي ڪيو ساڻس سيڻ ستوه،
ڏوهي اَڻو ڏوه، متان ڪا مون سين ڪري.

XLII

Sayid.

What wilt thou do by weeping? Comes now any Friend back here to thee?

Sasui.

How great the cruel deeds, O girls, that kindred folk have wreaked on me.
I do adjure you thus let none towards me act with treachery.

ماريو جي معذور، ته هيڪاري هورُ لَهي،
ساڃن اَوهان جي سورِ، ڪئن جيئان ٿي ڪيچيا.

If wretched girl is killed, then fear from her will vanish utterly.
O friends from Kech, with you-sprung woes how comes it still that life I see?

Gul Hayat Institute

نڪي ٿي جيئان، نڪي مئي آهيان،
ساڃن ساه ڏيان، توکي ساريو سُپرين.

I do not live. I am not dead: but, Love, yield
life remembering thee.

اَڳي پوءِ مران، مر مران مارڳ ۾،
مٿي پوءِ پريان، خون منهنجو جيڏيون.

Or soon or late I'll die: but grant upon the
way that my death be.
O girls, I hope that there may fall on my
Beloved blood of me.

## يارهون داستان

Gul Hayat Institute

ڏوٿين ڇيس ڏُور، ڪيچ آڳاهون پنڌ ٿيو،
پاٽا چڙهيس پُور، وڪ وڏاءِ وتري.

XLIV
Sayid.

The eaters of the wild grass seed
Said to her 'Kech is far away.'
The more she thought of it, the more
Her hastening pace she hurried on.

ڪجي جئن ڪيچين لَيءِ، تئن تان ڪين ڪيوءِ،
ويجهائي وڌوءِ، وک نه ڳنيئي وڌندي.

Sasui.
Thou didst not treat the men of Kech
As it was meet to treat them. Short
Thy paces were: no lengthening
Of strides thou madest after them.

ڪو جو اُنس مينهن، آريءَ جي اُڪير جو،
ٻاروچاڻو نِينهن، مُيان پڙ ماٺو نه ٿئي.

Gul Hayat Institute

Sayid.
Some rain it rained of Ari's love
That fell on her. Nor would that love
Pass dumbly from her countenance.

سسئي جي سرِيہ سان ڪيچ ڏڌي ڪانڌي،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي مُنڌ هُئي ماندي،
لڪل تان لطيف چئي آرياڻي آندي،
پنهونءَ پيراندي، نماڻي نصيب ٿي.

The lord of Kech pallbearer is
Of Sasui' head. To see her love
She fell o'ercome with weariness.
Across the passes, saith Latif,
Her Ariyani carried her.
By feet of humble one to lie,
Such was the luck that Punhun won.

نڪي ٿيان سڱ ۾، نڪي سڱيڻي
آهيان ڪميڻي، ذات ٻاروچي نه جُڙان.

Gul Hayat Institute

Sasui.
No kindred bond, nor any tie
Binds me to the Baluch. In caste
I am not suited, base and mean.

ڪيچ خبر هوءِ، هن منهنجي ذات جي!
متان پنهل چوءِ، لڄ منهنجي لوڪ ۾.

Let news of this not come to Kech,
Lest publicly be Punhun shamed.

لٿو ڪم ڪيچين جو چڏي هليا مون،
اَلله آهين تون، هوتن تان هيڏي ڪئي.

Their business done the Kechis went,
Deserting me. Thou, God, art there.
I had ill-treatment from my friends.

## ٻارهون داستان

Gul Hayat Institute

ڏٺانِ جي پروچُ، مونُ جئن هوتُ اَکين سين،
مون کي چيان لوچُ، پاڙ به پيئيون چپرين.

XLV

If ye with your eyes had seen the Baluch

As I did behold my friend,
Ye would have said to me 'Search' and gone
Yourselves amongst the hills.

جي هُيان هوت پنهونءَ سين مون جئن ملاقات،
ٻانُهنِ وجهي واتَ، هوند رِيهون ڪَيان رڄ ۾.

If women had met, as I have met,
Punhun, the Friend Beloved,
They had put their mouths to their arms and cried
Of a sooth in the desert waste.

ووءِ ووءِ ڪندي وت، مچڻ ووءِ وسارئين!
پاڻي هارم پڌرو، رو رندَن مٿي رتُ،
صبر وڏو سَتُ، سگها ميڙين سپرين.

Gul Hayat Institute

Cease not from wailing 'Ah woe! Ah woe!'
Lest thou lose the memory of woe.
No open-shed teas of water weep:
On the path weep tears of blood.

Patience, a mighty virtue thou art:
Cause me to join my Friend.

جئَن جئَن جَهلي جَڳُ، تئَن تئَنِ مون تاڪيد ٿئَي.
ڳهريو ٿو ڳالهيون ڪري وِهسي پُٽون وَڳُ،
لوڪُ لتاڙي ننڊ ۾ پٺيءَ لالن لڳ،
آرياڻي اورَڳ، پنڀوران ٻهر ٿي.

The more that the world restraineth, the more
Is there lesson of meaning to me.
The rout of mankind in pleasure is sunk
And talketh with gay unconcern.
Cross o'er the people while they are asleep:
Press, press on behind thy love.
Search for thin Ariyani and go
The bounds of Bhambhor outside.

Gul Hayat Institute

اَوجهڙ وتان آءٌ، پيون سڱر ساٿ جي،
جا نينهن ڳنهندي نانءُ، سا مون جئَن پوندي مامري.

I am lost on my wandering path: but the rest

Are safe in the company.
Like me, she will meet with a tragedy
Who mentions the name of love.

نڪي روئڻ واريون، نڪي اوسارين،
مونهين کي مارين، مونهين سندا ڏُکڙا.

No women are there to weep, nor folk
To chant responses to woe.
The sorrows I have are my sorrows alone:
They are bringing me to my death.

سرتيون سُور پرين جو سُڄُنِ ۾ شامل،
ڪوهيارو ڪامل، مون کي ڏکن ڏيکاريو.

XLVI
Sasui.

Gul Hayat Institute

Love's pains, mid wastes where friends abode,
To me the Perfect Hillsman showed.

ٻاروچا ٻيا به گهڻا، پر مون اَجهو آرياڻي،
چوندي ڪنيم چت ۾ ساڃُن سُڃاڻي،
جا وندر وڪاڻي، تنهنجو موٽڻ مَس ٿئي.

Baluch are many, others: but
Ariyani is my sheltering hut.
Within my mind I chose my love
With all the means that senses move.
Of girl who is to Winder sold
Shall her returning scarce be told.

هوءَ جا گهوري گهوٽ جي، تنهن کي چري چُونِ،
اُگهاڙيون آتڻ ۾ هوت پڄاڻا هُونِ،
پَرا تَنهين پُونِ، ڏٺو جن اَکين سين.

The girl who Bridegroom seeking is,
Folk call her lost in lunacies.
They who ungirt to meeting-place
Without their love went, found the trace
Of him and saw him with their eyes.

Gul Hayat Institute

ڏٺم اُٺ اَکين سين، مانَ ٻاروچا هُونِ،
جنهين ڏاران پُونِ، موريسر اَکين ۾.

Before my gaza did camels rise:
O! that there be Baluchis too;
Let cataract else mine eyes subdue.

سڄڻ ڏٺو جن، موٽڻ تنهين مهڻو؟
اِي مُرڪ معذورن، جئن مرن پِريان جي پير تي.

They saw their love? Then may they not
Return. Returning is a blot.
The helpless creatures'  pride is meet
To die by tracks of loved one's feet.

وَرُ لڪنِ جي لوڏ، گهوريا سک ڀنڀور جا،
اَمڙ جي تون اَچِيئن، سي ڪم نه آيم ڪوڏُ،
هنئين منهنجي هوڏ، ٻڌي ٻاروچَن سان.

Gul Hayat Institute

Within the passes to be tossed
Were better: Bhambhor's joys be lost!

The cowries which you offered me
Have, mother, useless proved to be.
To the Baluch mine heart afire
Hath bound with bonds my hot desire.

ڪو جو آهس ڪوڏ، پاروچاڻيءَ ذات سين،
جي هو چونس پوڏ، ته به جيءُ سڻائي جڳ کي.

She hath towards Baluchi tribe
Such hot desire that should they jibe
And say 'Avaunt and perish', she
Doth answer people, 'willingly'.

پلي ڪري ڀِيومِ، هيءُ سڱ پاروچن سين،
وچي ڪيچ ڏٺوم، پنهي لڳي جن جي.

A welcome thing it was for me
That my relationship should be
With the Baluch, whom I pursued
And Kech's land thus, seeking, viewed.

Gul Hayat Institute

اَدي ڪا اِيندي؟ چپر مون سڱ ٿيو،
لائيندس لڱن کي مليرئان ميندي،
وِندُر آءٌ ويندي، آري ڄام اَجهو ڪري.

Will any woman, sister, come?
I count the hills my kindred-home.
The henna of Malir shall I
Unto this body, mine, apply.
I'll go to Winder: there shall be
Lord Ari's shelter found for me.

اَڳي اِيئن هُياس، جئن پُنهَل ڌوتم ڪپڙا،
هاڻي اِيئن ٿِياس، جئن جت نه نِينِم پاڻ سين.

Once such was I, at my command
My cloth were washed by Punhun's hand:
Now am I such that camel men
Take me not with them. Sorrow's pain

Gul Hayat Institute

سورن سانڊياس، پورن پالي آهيان،
سُڪن جي، سيد چئي، پکي نه پياس،

جيڪس آءٌ هياس، ڱُري ڱُوندَرَ وَلِ جي.

Hath fostered me and futile thought
To me life's nourishment hath brought.
Sayid.
Her lot was not, the Sayid says,
In happy joys to pass her days.
Sasui.
I was, (perhaps 'twas fated so)
A joint upon the stem of woe.

جنهنجي ڌڻيان ڌار، پيڙي ناه ڀنڀور ۾،
تنهن ڪميڻيءَ جي ڪانه ڪئي ساٿ لڏيندي سارَ،
آءُ عالم جا سردار، واري واڳ ولهيءَ تي.

Without her lord Bhambhor's no home
For her, forgotten by the road
When cameldrivers laid the load
Upon the camels. Lord Most High,
Rein in towards her. Come Thou nigh.

Gul Hayat Institute

مُٺِ مُٺِ سورن سپ ڪنهن، مون وٽ وٿاڻان،
پريون ڪيون پُٺان، ويا وِهائُو نِڪري.

All have their sorrows, hand, full hand:
But sorrows stay with me and stand.
I carry loads of sorrow on.
Joys have deserted me and gone.

ڪوهيارو ڪاري، پنڌَ اَڻانگا پٺئين،
سي ڏيهه ڏيکاري، جي اَڳِ نه ڏٺا ڪڏهين.

The hillsma makes me cross the plains
With toilsome journey's racking pains.
He makes me other countries see
Which ne'er before were seen by me.

ڪُلهين ڦاٽو ڪنجرو، مٿو اُگهاڙو،
منهنجو ڪُڇاڙو، پينَرُ هِن پنپور ۾؟

My dress on shoulder's torn, and bare
Mine head. O sister, what is there



Gul Hayat Institute

In this Bhambhor for me to do?

پنپورئان ڀِهر ٿي اَمڙ، مونِ اُماڻ،
مون ۾ تو رهاڻ، موٽي ڪا مَس ٿئي.

O Mother, out of Bhambhor go
And speed me kindly on my way.
No pleasure is there like to stay
When we twain meet next, I with thee.

ڪُٺيءَ لَيءِ ڪاڻي، رکيءِ پِرت پنهونءَ سين،
سُهيو سُکيو جِندڙو وِڌءِ چيري ۾ ڄاڻي.
هاڃو هوتاڻي، ساڻُءِ ڪري ويا سسئي.

Sayid.
O burnt-up soul, in death's own fee
Thou didst with Punhun love contract.
Thine happy life, of joy compact,
Thou castest knowing on the flame.
The men who with Beloved came
Have done thee, Sasui, great harm.

Gul Hayat Institute

هاري هِنيون مَ لوڏِ، سُکين پونديِنءَ سسئي،
ڪوهيارو تو ڪوڏ، اَچي ڪر قطاريو.

Oh! Shake thy heart not with alarm:
Midst happiness thy joy will fall.
Thine hillsman, as for battle's call,
Hath ranged himself and joyous come.

## سهڻي ۽ ميهار جي ڪهاڻي

سهڻي هڪ دولتمند ڪنڀار جي ڌيءَ هئي، جيڪو ڪنهن درياه جي ڪناري سان رهندو هو. عزت بيگ جيڪو هڪ شاهوڪار مغل واپاريءَ جو پٽ هو، سو اتفاق سان اتي اچي نڪتو ۽ سهڻي جي سونهن ڏسي مٿس اکين چڪن ٿي پيو. هو ڏهاڙي، سهڻي کي ڏسڻ جي بهاني، ٿانو خريد ڪرڻ ايندو هو ۽ سهڻيءَ به کيس پيار جي موٽ پيار سان ڏني. ٿانوَ خريد ڪري ڪري، هُنُ پنهنجي سموري دولت کپائي ڇڏي. عزت بيگ جڏهن ڪنگال ٿي ويو ته سهڻيءَ

جي پيءُ کي عرض ڪيائين ڪيس هو پاڻ وٽ نوڪر رکي. ان ڪنپار ڪيس پنهنجي مينهن جو ميهار ڪري رکيو. ان کان پوءِ هن پنهنجو نالو عزت بيگ مان بدلائي ’ميهار‘ رکيو. سهڻي ۽ ميهار جي سڪ ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي. اها ڳالهه سهڻيءَ جي مائٽن کي موران ڪونه وڻي ۽ ٻنهي پيار جي پياسن کي پاڻ ۾ ملڻ کان منع ڪيائون. هن معاملي کي ختم ڪرڻ لاءِ سهڻي جي شادي پنهنجي ڪنپارن جي قبيلي مان ڏم نالي هڪ نوجوان سان ڪرائي ڇڏي ۽ ميهار کي گهران ڪڍي ڇڏيو. پر هو ميهار رهيو ۽ مينهون ڪاهي درياه جي پار چارڻ لڳو. سهڻي هر رات دلي تي تري درياه جي هن پر ميهار سان ملڻ ويندي هئي. سندس مائٽن اعتراض ڪيو ۽ ڪيس جهڻڪيو ته هو ميهار سان ملڻ ڇڏي ڏئي، نه مُڙڻ تي پڪو دلو ڪٽي ان جاءِ تي پيلو رکي ڇڏيائون. انهن سوچيو ته هن اهڙي قسم جي دلي تي پروسو رکي درياه ٽپي وڃڻ جي جرئت ڪانه ڪندي. پر جڏهن رات آئي ته دلي تي درياه مان ترڻ لڳي ۽ درياه جي پاڻيءَ پيلي کي پچي وڌو ته سهڻي ٻڏي وئي.

سهڻي ميهار جو سُر درياه جي ٻئي پار رهندڙ محبوب لاءِ سڪ ۽ جستجو ۽ درياه جي ڪارونپار ۾ سهڻيءَ جي موت متعلق شاعري آهي. وچ درياه ۾ جڏهن پيلو پُري ٿو پوي ۽ ميهار کي سهڻي جون دانهون ڪنين پون ٿيون ته ڪيس

بچائڻ لاءِ مئي متي مهراڻ ۾ ٽپي ٿو پوي ۽ پنهنجي محبوب وانگي مري ٿو وڃي. ميهار کي پيار وچان ساهڙ (مددگار) به سڏيو ويندو آهي.

## سُر سهڻي

## پهريون داستان

ڪنڌيءَ اُپيون ڪيتريون ساهڙ ساهڙ ڪن،
پر ڪنين سانگو ساه جو، ڪي گهوريس ڪيو گهِڙَنِ،
ساهڙ سندو، تن، سِرُ ساهي جي گهڙيون.

I

Upon the river's border women stand and cry,
'Oh, Sahir, Sahir.' While the thoughts of some of them
Are on a private grief concentred, others say

Gul Hayat Institute

'We take no reck of life' and plunge within the flood.
Sahir indeed is theirs who risked and entered in.

ڳِهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻوڙيائين ٻانهون،
ويچاريءَ وڌيون ڪيون وچ دريا دانهون،
موٽ محب پاهو، آءٌ تا ڪُن تڪي آهيان.

E'en such an one is Suhini who did put her hand
Upon the pot of clay and let the water flow
All o'er her arms, and luckless midst the stream did cry
Aloud to Sair: 'Love my love, return to me
For I am envy's target for the envious ones.'

Gul Hayat Institute

وڻن ويٺا ڪانگ، وچين ٿي ويلا ڪري،
ڳِهڙي گهڙو هٿ ڪري سٽي سانجهيءَ ٻانگ،
سيئي نِهاري سانگ، جتي ساهڙ سندس سپرين.

The water-herons rested on the tress: the
time
For Muslim's middle prayer had passed.
Thereafter she
Did take the pot and enter on the flood
whenas
She heard thy cry that calls to evening
prayer, and scanned
To find the place where Sahir well-belov'd
might bide.

مِنهن جنهن جي مون، ڏٺو مُنهن ميهار جو،
آهيِم ساه سئون، ڪئن گهڙو آءٌ گهوريان؟

Thus Suhni spake: 'By earthen jar did I
behold
My herdsman's visage. How shall I destroy
the jar
On which my life doth hang? If it be broken,
then,

Gul Hayat Institute

Of sooth, 'tis vanished. Still, in hope not faithless be.'
'Of Allah's mercy do thou not despair,' thus runs
The saying. Make of it thy raft on which to float.
Then with the joy that fills the hearts of those who love
The Lord, thou mayst behold the herdsman's countenance.

گهڙو ڀڳو منڌ مئي وسيلا ويا،
تنهن ڪان پوءِ سُئا، سهڻيءَ سڏ ميهار جا.

When jar was broken and when life was sped and means
Of life's safe-conduct vanished, Suhini's ears did ring
With cries of the loved herdsman of the buffaloes.

Gul Hayat Institute

پاڻُ مَ ڪڍج پاڻ سين، وسيلا وسار،
لڙ لنگھائي سهڻي پرت وجھندءِ پار،
سي ترت لنگھيندين تار، اُڪنڊ اڳھ جن سين.

Come not across of thy self-ferrying: forget
Thy ways of safety, Suhini. Love himself
will take
Thee o'er the rough and tumble of the
troubled waves.
They quickly cross deep waters who have
love to do.

پاڻ مَ ڪڍج پاڻ سين، ري وسيلي وڃ،
پيلو پيري پڄ، اُڪنڊ ڪڻ عميق ۾.

The piloting. Come not across self-ferrying.
Set forth without conveyance; dash the
unbaked jar
To earth in fragments. Take love's yearning
on the deep.

Gul Hayat Institute

پڇن جي ميهار کي، پڇي سي ميهار،
ترهو تنين بار، عشق جن کي آڪرو.

The herdsman seeks for news of them who seek for him.
For them a raft's a burden who have boundless love.'

## پيو داستان

دهشت ڏوم درياه ۾ جِتِ سناٽا سيسار،
بيحد باگو بحر ۾ هيبتناڪ هزار،
ساريان ڪانه سرِير ۾ طاقت توهان ڏار،
ساهڙ ڇام سَتارَ، سگهو رسج سِير ۾.

II

The terror and the tumult rage within the flood
Where powerful crocodiles do congregate themselves

Gul Hayat Institute

By thousands numbered, dreadful, and beyond all tale.
My body, Sahir, is too frail to counter them
Without thou help me. Come to me within the stream,
O thou, who art for me the lord most merciful.

دهشت ڏوم درياه ۾ جت ڪُنَنِ جا ڪڙڪا
سهي ڪينِ سمونڊ جا ماندي دل دَڙڪا،
ساهڙ ڄام سُيَءِ ڪا، فريادي فقير جي.

The terror and the tumult rage within the flood
Where eddies gurgle. This too feeble heart of mine
Is weak to face the threatening wavelash. Sahir, hear,
O master mine, the plaint of her who begs of thee.

Gul Hayat Institute

دهشت ڏوم درياه ۾ جت ٺيون تنوارون،
منهنجون مانَ ميهار کي پهچن پڪارون،
ساهڙ سنڀارون، لهرن لوڏي نه مران.

The terror and the tumult rage within the flood
Where din resoundeth. May the herdsman hear my cries.
If Sahir hear, I shall not die from buffeting of waves.

دهشت ڏوم درياه ۾ جت جايون جانارن
درندا درياه ۾ واڪا ڪيو ورن،
سڄا ٻيڙا ٻار ۾ هليا هيٺ وڃن،
پرزو پيدا نه ٿئي، تختو منجهان تن،
ڪو جو قهر ڪُنن ۾، وئا ڪين وَرنِ،
اُتي اَڙ تارن، ساهڙ سير لنگهائين.

The terror and the tumult rage within the flood

Gul Hayat Institute

Where monsters shelter and where brutes of prey do cry
And turn them hither thither. Ships in the abyss
Have been engulfed whole till not a trace of wreck
Nor any timber showeth the catastrophe.
The whirling waters hold some power of dread: for ships
Depart thence and return not. Sahir, take thou them
Who have no skill swimming, to that farther shore.

ٺيون داستان

Gul Hayat Institute

ڪنهن جنهن گهيڙ گهڙي، جئن اوُتڙان تڙ ٿِئوس،
سالم وتي سهٽي، ڪُنن ڪين ڪيوس،
اُهس اکڙين ۾ پريان جو پيوس،
حقان حق ٿيوس، هئي طالب حق جي.

III

Sayid.

The sloping bank, whence Suhini sought the water's way,
Gave not good entrance; yet proved good to her who went
In safety where the whirlpools harmed her not at all,
While love of her beloved shone within her eyes.
Of right her rights she won who went in search of them.

هئي طالب حق جي ڌوڏي لاڪون توڙ،
نه ملاح، نه مَڪُڙي، نه ڪو ٻڏئين نوڙ،
پاڻي پنيءَ پوڙ، سهڻي لنگهي سير جو.

She sought, e'en beauty's self, her rights till fate's sad end.

Gul Hayat Institute

She had no help of sailor nor of boat; nor rope
She tied, but crossed the current on an earthen jar
Whereon she sate with water reaching to the calf full high.

ساري سک سبق، شريعت سندو سهڻي،
طريقتان تکو وهي حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، اصِلِ عاشقن کي.

Learn well the lesson, Suhini, of the hidden Law,
How by the mystic way the Truth of Justice speeds.
True knowledge is in sooth the joy to them who love.

Gul Hayat Institute

Her eager spirit daily Dam would seek to quell
With constant chiding. Yet amidst the torrent's flow
She turned not shorewards, keeping true her promise made.

جهول نه جهلي سهڻي، سائر سٽ سندياس،
جنهن چائي اهڙي عاجزه، سا مَرُ مَرڪي ماس،
پسين جي پئاس، ته جيڪر عشق آڻئين.

No flood of waters might hold Suhini back. For her
An ocean's crossing was no weightier than a step that's ta'en.
Well may that mother smile who bore to life a girl
So sadly fated, saying: 'Suhini, if thou seest
Love's longing, surely thou wilt bring that love to thee.'

Gul Hayat Institute

ٻانڌي جي ٻيلي ٿئين ته حال ڳرهيان هيءُ،
سَگھو ساعت نه جِندڙو، جر ري مُنهنجو جيءُ،
ساوڻ سيارو پانيان وَهِ پريان جي وِيءُ،
پار جن جو پيءُ، وڃڻ واجب تن تي.

Suhini.
O log that floatest, be my friend, and I'll unfold
My inmost thoughts, e'en how without there water be
The rainy Sanwan like dry winter I would count;
And hold Beloved's river but as meadow-land.
For it is right that they should corss the water flood,
If those they love are standing on the farther shore.

واهڙ وهين مَ شال سڪي ٻيلاٽيون ٿئين!



Gul Hayat Institute

پسان تنهنجي پيٽ ۾ لاٽا، لوت ليار،
جنهن تو سپ ڄمار، آسائتيون ٻوڙيون.

O channel, would thou flowed not, with the land between
The runnels dried to firmness. In thy bed I'd see
The saltwort flourish and the lut and liar grow
Yea! In the bed of thee who all thy life hast drowned
The women who have hopped to reach thy farther bank.

## چوٿون داستان

Gul Hayat Institute

اديون سپ اندام منهنجا چڙن چوريا،
لارُن جا لنؤ لائي سا ڪيئن اَچيان عام،
لڳيس جنهن جي لام، سو دوست دلاسا مُنجي.

IV

O sisters! How the tinkling bell
Has set my limbs to sprightly dance.
To stranger-folk how may I tell
The love that doth my heart entrance?
With arrow that hath pierced my heart
My herdsman lover sends me joy.
The bells that make my senses start
In gladness do my soul employ.

ڪڙڪن خوش ڪياس، محبتي ميهار جي،
پسڻ ڪارڻ پرين جي آڏي ٿي اُٿياس،
ستي جاڳياس، سانپر سپرين جي.

At midnight's hour I did uprise
That I might my beloved see.
I slept, but shook sleep from mine eyes
When the bell tinklings came to me.

Gul Hayat Institute

جياريس سنپار، ڪوه ڪريندم ڳڏجي؟
ويروتار وجود ۾ پرين جي پچار،
سي سڄڻ هئن نه ڏار، جي هِينئَڙي ۾ حَلَ ٿيا.

My quickened pulses livelier beat
As on his memory mind did rest.
'How will he treat me when we meet?'
So sought the heart within my breast.
My thoughts are always with my love
While life still holds me: and may they
Whose molten hearts in mine do move
Be sundered from me ne'er away.

هن پر سُيمَ هوءِ، ستي سنپارن جي،
چت چڙن چوريو، ذوق ٿيڙم جوءِ،
محبتي ميهار جي باﷲ پيم بوءِ،
وڃي روبروءِ، ڏيکيان دوست ميهار کي.

By Allah's favour came to me
Beloved's fragrance in this place.
Lo! I will go that I may see
The much loved herdsman face to face.

Gul Hayat Institute

هن پر سُيم هاڪ، ستي سنپارن جي،

محبتي ميهار جي چڙن چوريم چاڪ،
اُنهن جي اوطاق، وڃڻ واجب مون پيو.

I slept and heard the sounds of bells
That tinkled on the farther strand.
They moved my heart. Delight now dwells
Within me for this gladsome land.

ٻيلي پار ٻُرِي، مون کي چڙن چوريو
محبتي ميهار جي ستي شاخ چري
مٿي جهوڪ جهري، پونديس پاريچن جي.

I slept and heard the sound of bells
Vibrating on the father shore.
My heart the herdsman's message tells
And sets my nerves a-tingle more.

Gul Hayat Institute

مَري تان مَ مهارَ، وٿاڻ وِلهو مَ ٿئي،
وچن جي وچار جو شل ونگو ٿئي مَ وار!
ساهَڙُ مون سينگار، ماٽهن ليکي مِهٽو.

Oh! It is right that I should go
Where my beloved rests his head.
That herdsman die? Ah, no! Ah, no!
Nor empty be his cattle stead.
Young buffaloes he guardeth, oh!
May harm reach hot one hair of his.
He is mine ornament, although
Men may revile with calumnies.

## پنجون داستان

سانده سپ درياه، پري ڪنڌي پار جي،
چڪي چوليءَ ۾ گهڙي جتي جيءُ وِڃاهَ،
پسيو ڏوه ڏکي هِنيون، آر مٿي اَرواح،
جي توهُ ٿئي تو ڏانهن، ته وير وهيڙو ناه ڪِي.

## V

Sayid.

All, all is water and the distant bank afar.
With love's deep thrill did Suhini risk her life
To enter in. Her heart had cognizance of sin



Gul Hayat Institute

To set her trembling there amidst the watery waste.
If mercy meet thee, eddies matter not at all.

گهڙيا سي چڙهيا، ايهين اَٿيئي،
مئي متي مهراڻ ۾ پَو ٿپو ڏيئي،
ته ميهار مليئي، سنپوڙو سيڻاه سين.

Have others entered and have won their way across?
So wilt thou likewise. Leap within the raging flood;
Prepare thy goatskin that the herdsman thou mayst meet.'

جيڏانهن چِت چاهُ گهڻو، آر به اوڏانهين،
وجي وَه واڪا ڪئو تڪو تيڏانهين،
ميهار ملائين، لهرن منجهه لطيف چوي.

Where will and heart surge, currents run in strict accord



Gul Hayat Institute

And pour by swiftly in a roaring rushing stream.
'O mayst thou compass midst the waves that herdsman's tryst.'
Thus hath Latif the Poet spoken in his verse.

پليان پليو نه رهي نِرتون نينهن نبار،
گِهڙان گهورئو جِندڙو اُٿل مان اوپار،
جنهين من ميهار، هلڻ تنهين حق ٿيو.

Suhini.
'I try to check the noble urgings of my love
But stay they will not. Sacrificing then my life
I'll enter and I'll make the passage of the flood.
Whose thoughts are on the herdsman they are right to go.'

ته ڪر ڪيئن سُئي، جي سِير نه گهڙي سهٽي،
هت حياتي ڏينهڙا ڪر هڏهن تان نه هئي،

چڪي تنهن چري ڪئي، جو ڏنس اُن ڏُهي،
سهڻيءَ کي، سيد چوي، وِڌو قُرب ڪُهي،
هوئيهين هوند مئي، پر ٻڏيءَ جا پيٽا ٿيا.

Sayid.
Could fame of Suhini e'er been heard, if in the stream
She had not entered? Here perchance but short her span
Of days had been. The herdsman milked the the buffalo
And with the sip of milk he gave her made her fey.
Love, thus the Sahid says, undid her utterly.
Death was her mankind's fate. But she who drowned in death
Did by her drowning win a twofold recompense.

Gul Hayat Institute

جاهڙ اندر جيءَ، ساهڙ ڏني ساهه کي،
ساهڙ چڙي نه ساهه جي، ساهڙ ساهڙ سينءَ،

ساهڙ ميڙ سميع، ساهڙ ڇُڙي ساهجي.

Suhini
'There looms the whirlpool. Here stand I. The wrath of Dam,
My husband, can I suffer? Who would place her foot
Upon the waters did not Heaven decree the act?
At time of early morning dawn my weird I dree.
Sahir bound the knot that binds my life to me.
May not that knot of Sahir's that is life be loosed.
O God who Hearest, make me Sahir meet, that then
The knot of life may in fulfillment loosened be.'

## ڇهون داستان

Gul Hayat Institute

اَلست اَرواحن کي جڏهن اَمر ڪيو اَحَدَ،
هو منِ ڪاڍو ميهار ڏي سهڻيءَ سڪڻ سڏ،
دلو دَور درياه جي ڪئو ارادي اَڏ،
جيڪي آيس ڏونهن عَهَدَ، سوپاري مُنڌ پاتار ۾.

VI

Time was when God, the One and the Eternal, spake
Unto the souls and thundered: 'Am I not your Lord?
Then, even then, to Suhini had there come a love
And longing for the neatherd. 'Twas of God's own will
That might of waters broke her earthen pot in twain.
What fate God's will had fashioned for her there indeed
She brought to due fulfillment in this world below.

Gul Hayat Institute

كامان، پچان، پڄران، لُڇان ۽ لوڇان،
تن ۾ تونس پرين جي، پيئان نه ڍاپان،
جي سمنڊ مُنهن ڪريان، ته به مون سُرڪيائي نه ٿئي.

Suhini.
'My body burns. With roasting fire
I am consumed but make my quest.
Parched am I with Beloved's thirst,
Yet drinking find in drink no rest.
Nay, did I drain the ocean wide
'Twould grant in not one sip a zest.'

ڪاري رات، ڪچو گهڙو، اُوٽيهين اُونداهي،
چنڊ نالو ناه ڪو، دريا دڙ لائي،
ساهڙ ڪارڻ سهٽي آڏيءَ ٿي آئي،
اِي ڪم اِلاهي، نه ته ڪُنن ۾ ڪير ڪِهڙي.

Gul Hayat Institute

Sayid.
The night is black: the pot unbaked.
Month's days in final dark are shed.

No beam of moon; the waters roar.
For Sahir's sake has Suhini sped
Art midnight there. Through God alone
Could thus the stream be entered.

ڪاري رات، ڪچو گهڙو، مٿان وسي مِينهن،
هيڪو پَو بيراهه جو پيو سانپاران سينهن،
شال مَ ڇڇي نينهن، گهڙان گهوريو جندڙو!

Suhini.
'The night is black; the jar unbaked,
And (horror!) comes the falling rain.
Here trackless water: lions there
Are prowling, to safe life a bane.
Oh be my love not shattered when
I enter counting life as vain.'

Gul Hayat Institute

## سٽون داستان

سانپاران سڏ ڪيو اُپا چونم اچ،
هڪ تکوئي تارِ وَهي، پيو ڪميٽي ڳرڪچ،

ساڻي جنهين سچ، ٻُجهان سي نه ٻڏنديون.

VIII

Suhini.

Folk stand upon the distant bank and hail me, 'Come!'
But two-fold peril holds mine humble heart in check,
The swift deep current and the jar unfired in kiln.
With whom the truth is, they, I know, will never drown:
For see the women who thus cross from shore to shore.

پريو پر درياه، پس جي پار پون ٿيون،
ٻڏ توڪل ترهو آهر ساڻ الله،
جن جي ساهڙ ساڻ صلاح، سي ڪين ٻڏنديون ڪڏهين.

Sayid.

Gul Hayat Institute

With help of Allah then make thou of faith thy raft.
These women ne'er will perish who take Sahir's word.
Wise men do clutch at bushes when they're like to drown.
See (saith Latif) the virtue that resides in reeds:
Perchance they bring thee safely to the bank: perchance
They break and take thee with them down amidst the flood.

هينئڙي حجون چڍيون قوت رهيم ڪانه،
مون تي موڻج مون پرينِ، ساهڙ چام سبحان!
آهيان گهٽو اچاڻ، پرِ پَليرا سپرين.

Gul Hayat Institute

IX

My heart of its hopes is shorn;
No strength within me lies.
Come back to me now, my love,

O Sahir, lordly and wise.
Return to me, love most kind,
I am foolish, ignorant, vain.
Of the peril that was with the jar
Not inkling stirred my brain.

آءٌ ڪِ نه ڄاڻان اِيئن، ته جر گهڙي جوکو ٿئي،
پر قضا جا ڪريم جي تنهن کان ڪنڌ ڪيبو ڪيئن؟
هڪ لڪئي ٻئي نينهن، آڻي اوليس اول ۾.

From the doom of the Merciful One
May man hope to free his head?
Ensnared by my fate and love
I am caught in the toils and led.

تڙن جا طعنا، سيپئي ڏينم سرتيون،
درياه ديوانا، سڻ حقيقت حال جي.

The women have mocked me all;
'Where wilt thou, pray, alight?'
Ocean, roaring in madness hear

Gul Hayat Institute

The storying of my plight.

طعني ليءِ تران، مٿي وه واڪا ڪئو،
مون کي سڪ، سيد چئي، مر محبت منجھ مران،
وچان ڪينِ وران، ڪنڌيءَ منهنجو ڪارڻي.

Because of the taunts I swim,
I swim in the surge and cry.
'Love holdeth thee', (saith the Sayid)
Of a sooth in love let me die.

تران تان مران، وَران تان وَهُ وِتِرو،
هينئڙي ۾ هوت جا اچن گھور گھٽا،
پسيو پاڙي واريون ڏسيو ڏوه ڏران،
وچان ڪئن وران؟ ڪنڌيءَ منهنجو ڪارڻي.

From the water's midst can I turn?
O'er there is my lord, my love.
I die if I swim. If I turn
Too strong will the current prove.
Of Beloved within my heart

Gul Hayat Institute

Full riches of thought appear.
The women around me I see
And I see my sin and I fear.

سڪ تنهنجي سپرين جئن تران تئن تارِ،
تون رهين روح ۾، تونهين اَکِنئان ٻَهارِ،
پرين تنهنجي پار، مون واجهائيندي وره ٿئا.

From the water's midst can I turn
With my lord on that farther brink?
Beloved, I love thee so well,
As I swim, that the deeper I sink.
Outside art thou of mine eyes,
Yet dwellest within my soul.
While I yearned for thee, love, my love,
The tide of the years did roll.

Gul Hayat Institute

سڪ تنهنجي سپرين ڪپي ۽ ڪوري،
سگهان نَه چوري، ڏاڍو نِيَرُ نينهن جو.

Beloved, my love for thee,

Chafeth and cutteth my heart.
Strong bonds that thy love hath bound
I cannot sunder apart.

سڪ تنهنجي سپرين اندر ٿي اَجهل،
ٻڙڪئو ٻاهر نڪري، ڪوري ڪانئِي ڪل،
ريءَ سيرائيءَ سل، مون کي وڏا سڃٽين.

Beloved, I yearn for thee.
From that love doth my weakness cower.
From the kiln of my worthless skin
Love mounteth in blazing power.

سڪ سڪندين لاءِ، وڇوڙئا ميڙ پرين،
ايڏي سگهه سچا ڏٽي توهي کي آهِ،
تن جنهين جو طالبو، مِهر تنهين کي پاءِ،
ميڙائي جو ماءُ، ڪانءُ لنوندو ڪڏهين؟

The friends who have pierced me through
Needed not the gimlet's bite.
From yearners the yearning take, O love,

And the severed souls unite.
For such is that strength of thine
Who art both true and lord.
To her who maketh the body's quest
Do thou thy mercy afford.
Of the trysting when will the crow,
Mother, glad notes give forth?
Time is old since I saw my friends
How shall I judge their worth?

ڏٺي ٿئَم ڏينهن، ڪُهُ ڇاڻان ڪهڙا پرين،
نيڻ پرجي نينهن، پلٽيا پاريون ڪري.

I yearned. Set a thousand suns.
Bereft the years did I spend
(Though I cannot suffer a moment's loss)
Of folk that I count as friend.

Gul Hayat Institute

ڏٺي ڏينهن ٿئام، ڪُہ ڇاڻان ڪهڙا پرين،
سهسين سج اُلهي واجهائيندي وئام،
تن ريءَ سال پئام، جن ريءَ ساعت نه سهان.

I think not of home nor spouse.
Nought else my senses thrills.
But the herdsman alone for me
The living moment fill.

گهر، نه ور، نه وَث ڪا، اهم من مِهار،
اِن اوسيئڙي اُٺيان سنجهي ڪري سينگارَ،
پرين تنهنجو پار، پسان مان پر ڪنهين.

I deck my beauty betimes
Hoping Beloved to see.
He dwelleth across the stream
May he somehow appear to me!

ساهڙ ڌاران سهڻي اَڌوتي آهي،
ڪنڌيون جو ڪاهي، پاسي تنهين پاڪ ٿئي.

X

Sayid.

Away from Sahir Suhini is a thing unclean.



Gul Hayat Institute

But by the side of him who drives the horned kine
To purity she riseth. She doth droop and fade
From Sahir severed. Fever hath set in upon
Her girlish beauty. Pity for her wretched state!

ساھڙ ڏاران سھڻي آھي ۾ آزار،
ڏم پاسي ۾ ڏکندو، صحت وٺ سنگھار،
توڏيءَ سندي تن جي دوا ۾ ديدار،
پسي منھن ميھارَ، ته ھوند سگھائي سگھي ٿئي.

She, maimed and unlovely in her illness now,
Passeth time sighing, by affliction held away
From Sahir. By the neatherd health abides. Near Dam,
Her husband, she doth nought but illness know.

ساھڙ ڏاران سھڻي، ھيءَ تانِ جُھڪي زال،

Gul Hayat Institute

توڏيءَ تپ شروع ٿيو، هَيءِ هيڻيءَ جي حال!
جڏ ريءَ جمال، اَگهي ٿي آهون ڪري.

A sight of Sahir's physic for the beauteous girl.
His face if she but see, she surely will get well.

متان گهڙين سهڻي، اَڄ درياءَ ۾ دم،
ڪاريءَ رات ڪنن ۾ ڪهڙو اٿيئي ڪم؟
متان جاڳي ڏم، پڇي پاڙي واريون.

The current, Suhini, hath a wicked power today.
O enter not. What business in the black of night
Hast thou within the eddies?
Suhini.
May not Dam awake
And make his inquisition of the neighboring folk!

Gul Hayat Institute

No matter; let him ask them 'What is Dam to do?'
(Thus Suhini speaketh.) They who are in need have work
Within the eddies. For my herdsman's sake I give
These bones, this skin of mine, in willing sacrifice.

جان جان هئي جيئري، ورچي نه ويٺي،
وچي پونءَ پيٺي، سڪندي ڪي سڄڻين،
جان جان هئي جيئري، ويٺي نه ويساند.

Sayid.
While she did live she would not wearied take her rest;
But entered earth's bosom longing for her friends.
She sat not silent while life pulsed her limbs, but dead

Gul Hayat Institute

She drifted on the waves towards the herdsman, dead.

ور اُونداهي راتڙي، ڪه چانڊوڻي چانڊان،
اوري مهاران، مُنهن ۾ پسان ڪو پيو.

Suhini.
'The black of night is better. Banish moonlight's moon.'
(Thus cried she) 'May I never face of other see
Beside the neatherd's face.'

سائر ٻوڙي سهڻي، نه ڍوري نه ڍنڍ،
اکين منجهه اُڪنڊ، مُيائي مهار ڏي.

Sayid.
It was the ocean deep,
No shallow creeklet drowned her, nor the swampy marsh.

Love for the neatherd filled her eyes in death
indeed.
O listen to the message that in death she
gave:

نه مون ناناڻئان ڪٿيو، نڪيءَ ڏاڏاڻئان،
پرين جي پاران، مون سين وڏائي وڙ ٿيا.

'I gained no profit from the house of my
sire's sire,
Nor from the house of mother's sire. But
from my friends
Great were the kindness that showered
thence on me.'

Gul Hayat Institute

## مومل راڻو ڪهاڻي

مومل، ڪاڪ ڀنڊ جي ڪناري تي رهندڙ هڪ دولتمند واپاريءَ جي ڌيءُ هئي. شهرت ۽ دولت سندس ڪيترا

چاهيندڙ پيدا ڪري وڌا هئا. پر گهڻا ته وقت کان اڳي ئي ختم ٿي ويا. ان ڳالھ کان بي ڌيو ٿي، راڻي، جيڪو سوڍو راجپوت ۽ ڪاڪ ڏيند کان پنجاھ ميل پري لوڊي جو ويٺل هو، مومل کي ماڻڻ جو پڪوپه ڪيو. هو عمرڪوٽ جي بادشاه عمر جو وزير هو. ڪو وقت آيو جو مومل ۽ راڻي جي وچ ۾ محبت جو رشتو پيدا ٿي ويو ۽ سندن شادي ٿي وئي. راڻي کي پنهنجي هڪ زال اڳ ۾ به هئي. سو مومل جي شاديءَ کي پنهنجي خاندان کان ڳجهو رکڻ لاءِ ڪنهن سان به ڀڙڪ ٻاهر ڪانه ڪيائين، هر رات مومل سان ملڻ لاءِ لوڊي کان ڪاڪ تائين پنجاه ميل جو سفر ڪندو هو. هن سفر ۾ پنهنجو هڪ تکو اٺ استعمال ڪندو هو، جيڪو سولائيءَ سان هي پراهون پنڌ هڻي ويندو هو. هڪ رات راڻو مومل وٽ ڪونه پهتو ته هوءَ ڏاڍو اٻاڻڪي ۽ وياڪل ٿي پئي ۽ کيس بيوفا سمجهيو، سو هن هڪ حرفت هلائي. چا ڪيائين جو پنهنجي پينرن مان هڪ پيڻ کي راڻي جهڙا ڪپڙا پهرائي پاڻ سان سمهاري ڇڏيو. راڻو ان رات دير سان پهتو. مومل جي کٽ تي به ماڻهو ستل ڏٺائين ۽ سمجهائين ته مومل کي ڪو ٻيو محبوب به آهي. راڻو غيرت ڪري هليو ويو پر پنهنجو لڪڻ مومل جي پاسي ۾ رکي ويو، جيڪو مومل لاءِ جڻ هڪ ڳجهارت هو. صبح جو مومل اهو لڪڻ سڃاتو ۽ حقيقت کي سمجهي ورتو ۽

محسوس ڪيائين ته سندس ئي اٽڪل بازيءَ ڪيس نهوڙي نيو آهي ۽ پنهنجي مورڪائي ڪان راڻي ڪي گنوائي ڇڏيائين! مومل راڻي ڪي گهڻو ڪجھ سمجهايو پر هن ساڻس سرچاءُ ڪونه ڪيو. مومل راڻي جو سُر مومل جي غلطيءَ ۽ راڻي سان سرچاءَ ۾ ناڪاميءَ متعلق شاعري آهي. شاعريءَ ۾ راڻي کي مينڌرو ۽ سوڍو به سڏيو ويو آهي. مينڌرو سنڌ جي لاڙ واري حصي جي هڪ ذات آهي. شاهه عبداللطيف جي رسالي ۾ ڍوليو (پيارو) به سڏيو ويو آهي، جيڪو ڍٽ جو رهاڪو هو، جيڪو لوڊي جو ٻيو نالو معلوم ٿئي ٿو.

## سر مومل راڻو

## پهريون داستان

شمع ٻاريندي شبَ، پره ٻاڱُون ڪِڍيون،
موٺ، مران ٿي مينڌرا، راڻا ڪارڻ ربَ،
تُنهجي تاتِ، طلب، ٿي ڪانگ اُڏايان ڪاڪ جا.

I

Lo! Dawn has burnt the lamp of night
And set day's first streaks in the sky.
Come back, O Mindhro prince, I pray
For Allah's sake, come back. I die.
In search of you I sent the crows
Of Kak upon their way to fly.

اُپي اُپارِيام، نَکٿَ سڀِ نئي وِيا،
هڪ مَيو، ٻيو مينڌرو سڄي رات سارِيام،
ڳوڙها ڳَل ڳَاڙيامِ، سُورجَ شاخون ڪڍيون.

I stood: the constellations rose,
And all the constellations set.
The camel and the Mindhro prince
Did all night long my memory fret.
Adown my cheeks the tears I shed
Till branch in branch of sunlight met.

Gul Hayat Institute

ڪَتِيُنِ ڪَرَ موڙيا، ٽيڙُو اُڀ ٽيئي،
راڻو رات نه آئيو، ويل ٽري ويئي،
ڪُہ سا ڪاڻي، آتڙي، جا پرين ري پيئي،

مون کي ڏَن، ڏيئي، ڍوليو ڍَٽِ قراريو.

There wander the Pleiades and waxed
The three stars in Orion's nolt.
The prince at night-time tha not come.
Time passed away for night to melt
In fiery pit without my love.
In Dhat stayed Dholio. Grief I felt

رَسُ مَ رُسڻ گھوريو، پَرچُ م وَنءُ پَري،
ماريس ڦٽ فراق جي ۽ جِھٽَ جي ذري،
لالن جي، لطيف چئي، شال مون سُونهائي سري،
آيسِ تو ڳري، ته سوڍا سُکياڻي ٿيان.

Don't sulk. Away with sulking. Come,
Make up our quarrel, nor go far,
The wound of separation smarts
And brings some little pang to mar.
May my love guide me. I'm come near
You. Find I gladness where you are.

Gul Hayat Institute

ڪاڪ ڪَڙهي، وڻَ وِيا، ٻَڙيا رنگ رتولِ،
تو پچاڻان سُپِرِين هينئڙي اَچن هولَ،
جي مون سين ڪيئهءِ قولَ، سي سِگها پارج سپرين.

Kak's waters boil. The trees are gone,
The painted halls with fire waste laid.
Without you, love, my heart has dread.
Forthwith make good your promise made.
If you came back, O Mindhro love,
A monstrous folly you displayed.

جي اِيندي موٺهِن مينڌرا وِڏي جاڙ ڪياءِ،
ڪي وَرُ نه هئين وَلها، هوند جتي مون جاڳاءِ،
ته ستيءَ جي ساڃاءِ، سوڍا سُپاڙي پئي.

Had you not been my husband, Spouse,
Perhaps you'd roused me while I slept
A little, and by morning known
The truth the sleeping woman kept.

Gul Hayat Institute

# پيو داستان

نه مون وارثُ نه ولهو، نه مون سَڱُ، نه سِياڪو،
تو پچاڙا سُپرين آيُمِ اولاڪو،
پانڌ يا پاراپو ڏجو ڍاٿيءَ ڍول کي.

II

I have no guardian, nor have I a spouse,
No marriage bond, nor kin in marriage linked.
Without thee, loved one, dread hath come to me.
O travellers, blame the darling man of Dhat.
Come to the curtyard of the longing girls.
Be reconciled, beloved. Thee away,
One moment's time I cannot tolerate.

Gul Hayat Institute

ڪري موٽَ مينڌرو، جي لُڏاڻيان لالُ،
ته گهر تڙ مٿانئس گهوريان ۽ پڻ پنهنجو حال،
راڻي ڏاران راڄ ۾ مون نه گهرجي مال،
سوڍي کي سوال، ڪريان ٿي قرب جو.

Join me, O life of life, O sight of love,
That pain may vanish. Would that he come back,
My darling Mindhro prince, from Ludho town.
I'd sacrifice mine house and everything,
Nay more, my life's existence, just for him.

مون گھر اَچي جي ٿئي، ميندرو مهماڻ،
آٽي جهوڪِيان آڳِ ۾، ڇيري وِجهان ڇاڻُ،
تاٽي تَنورُن ۾ پيري هٽان پاڻُ،
پيڪن سُوڌو پاڻ، ۽ گھرتڙ گھوريان پرينءَ تان.

Unless my Rano in the kingdom is,
I want not wealth. I beg the Sodha's love
From him. If he but come within mine house
To be my guest, I'd take whate'er I know
And cast it out upon the fire to burn.
I'd take my pride and throw it in the oven.
I'd sacrifice myself, with parents too,
And house and all within it for my love.



Gul Hayat Institute

ڪِينَ ساڳاهيم سپرين، جاڙُون ڪيم جي،
سوڍا مون ڪي سي، موٽي منهن ۾ آئيون.

The follies of mine action, love, I did
Not realize. My follies have come back
To me, O Sodha prince, to shame my face.

سوڍا صبر تنهنجو مومل مت ٿيو،
تو جو ڪالھ ڪيو، تنهن مديون ميٽي ڇڏيو.

Ty patience hath a lesson been to me,
To Momul. For thine action yesterday
Hath blotted out my vain stupidities.

ڍولي ڍڪي آهيان، هيس اُگهاڙي،
ڏيئي لِڪَ لاڙي، ڪڪر ڪيائينم ڪاڪِ جو.

Ungirt I was and Dholio covered me.
His little gift of silk he made as cloud
Of Kak to hide my nakedness. Now he



Gul Hayat Institute

Hath raised me up to be anointed bride,
And I am happy in my happiness.

سوڍا، صَبُر تُنهنجو لَڄايَن مَرَڪُ،
نه ڪُڇَنَ سين لَڪُ، رِيءَ رُڪ راڙي وَڍيو.

Thy patience, Sodha prince, an honour is
To modest girls. The nose of my disgrace
Without a word, without a knife he cut.

سوڍا صبر تُنهنجو سڀني سيکاري،
مومل جي واري، ڪوهُ ڄاڻا ڪوهُ ٿيو؟

Thy patience, Sodha prince, a lesson is
To everyone and now 'tis Momul's turn.
How do I know the things that came to pass?

Gul Hayat Institute

سوڍا شرمايون، پسي عيب اڳيان،
نڪ نرجايون، هُيون منهنجي حق ۾.

O Sodha prince, the girls were shamed who saw
Their former shamelessness. Within my fate
Disgraces live.

موري مُنهِن وڏا ٿيا، وَڍيان تان نه وڃن،
اَڏيون اَناسين، تن ڪوجهن کي ڪوه ڪريان؟

Like blooms they blossomed and
To bigness grew. Their noses though I cut,
Disgraced they go not. What am I to do,
O sisters, with these noseless, hideous things?

## ٽيون داستان

ڍَٺَ مَ وڄج ڍولَ، ڪاٽياري ڪاڪِ ڪري،
آءُ اڳهين آهيان ٻڌي تُنهنجي ٻولِ،
توکي ساري سپرين رُنُمِ منجهه رَتولَ،
ٿڪاٽا ءِ ٿول، وسَهه مون وهُ ٿيا.

Gul Hayat Institute

III

Beloved, go not off to Dhat
To leave me now in helplessness.
I'm bound by that once-word of thine.
I wept upon my swinging bed
With memory in my heart for thee.

راڻا نچاڻا، ته ڪئن وڏُ وِڙهنِ وِلَها،
پيئي کِهَ کٽن تي، ٿيا پلنگ پُراڻا،
جائي، گلَ جَباتَ جا توري ڪُوماڻا،
ڏَريائي ڏونرا ٿيا، وَر ريءَ وِهاڻا،
مينڌرا، ماڻا، توريءَ ڪنديس ڪن سان!

Belive me, love, all places, things
To me are like as poison made.
O Rano, husband, know I not
The reason why thine anger rose.
Upon the cots hath fallen dust.
The couches have become outworn.
The place is faded: of Jabat
The flowers are withered, thee, love, gone.

Gul Hayat Institute

The pillows that were kept are gray
With cream-hued dust. To whom shall I
Without thee, gentle coaxings urge?
Mindhro, come back: forgive my sins.

مِيان مينڌرا موٽُ، بخش ڪر بُڇائيون،
تون گھٽيُن جو گھوٽُ، مون وَرُ تون هڪڙو.

Thou bridegroom art of many girls:
But art to me the only spouse.

راڻي سَندو روح ۾ پسو پَڳهُ پيومِ،
ٻيڙِيءَ جئن ٻڌي ويو سوڍو ساه سَندومِ،
وِهَڻَ وِهُ ٿيومِ، جاڳيو ٿي جَرُ هاريان.

See, Rano's cord within my soul
Is fastened. As a boat is tied,
The Sodha bound this life of mine.
To poison idleness is turned.
Awake I pour out flooding tears.

Gul Hayat Institute

ويٺي نِتُ نهاريان راڻا تُنهنجو راهُ،
موٽائي ماڳِنِ ۾ آڻيندُءِ اَللهُ!
سوڍا تو ڳر ساهُ، نه ته راڻا گهڻا راڄ ۾.

Thy coming ever I await.
O Rano, thee may Allah bring
Back to mine house, My life's with thee,
O Sodha, else within the land
Would many other princes be.

## چوٿون داستان

نئون نياپو آئيو، راڻي وٽان رات،
لَڌيسون، لطيف چئي ڪَنا ڏاتر ڏاتِ،
ڪهڙي پڇين ذاتِ، جي آيا سي آگهيا.

Gul Hayat Institute

IV

There came fresh message yester night
From Rano. Won is our behest.
The Giver gave it, says Latif.
Of comer's caste why make inquest?

Who came in coming welcomed were.

ڪَرها ڪارڻِ ڪاه، تَوڪي ڏٽِينِ ڏاريو،
ساري ڏِج، سيّدُ چئي لِڏاٽِي تانِ لاهُ،
مقابلو مومل سين ٿيندءِ سَنجهه سُپاه،
سوڍِي جي صلاح، ڪؤنه چَرندين ڪاڪِ جا.

Your master kept you just for this,
O camel, to be driven on,
Be not, the Sayid says, remiss
Descending Ludho's sandy hills.
You'll Momul meet. Come night, day pass.
Dear camel, with the Sodha's help.
You'll feed on Kak's rich verdant grass.

وٿيو وڄج واٽَ ڪَنڌُ مَ ڦيرج ڪڏهين
نه ته لَؤٽي ڦير لپاٽ، لگِندءِ لطيف چئي.

So take the road. Don't twist your neck
At any time from side to side.
With turn of cheek, the Sayid says,



Gul Hayat Institute

You'll feel a slap to cheek applied.

ڪنڌ ۾ ڦيرج ڪڏهين وٺيو وڃج راه،
اڄ به سڀاڻ صباح نيئي ڏريندءِ ڏوڙ ۾.

Don't twist your neck from side to side.
But take the road. Today, next day,
Or soon or late, they'll lead you out,
Your coat with journey's dust o'erlay.

جا پونءِ پيرين مون، سا پون مٿي سڄڻين
ڏَگَ لٿا ڏوڙ ۾، اُپي ڏٺاسون،
ڏينهن مڙئي ڏون، اٿي لوچ لطيف چئي.

The earth that stretches at my feet
Is that same earth where friends' feet stand.
The brave are covered with the dust.
We stood and saw this mid the sand.
Man's life has but two days to tell:
Rise, says Latif, search, use them well.

Gul Hayat Institute

# ليلان چنيسر جي ڪهاڻي

ڪئونرو هڪ راجا جي ڌيءَ، ڏاڍي هٺيلي ۽ مغرور هئي. هڪ ڏينهن سندس سهيلين ڪيس اهو مهڻو ڏنو ته هوءَ چنيسر داسڙي جي دل جيتي نه سگهندي، جيڪو تن ڏينهن رعب ۽ دٻدٻي وارو وڏو بادشاهه هو. هن، ان مهڻي کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ پڪو پهه ڪيو. ڪئونروءَ چنيسر جي محلات تائين پهچڻ لاءِ سندس ئي وزير جي مدد حاصل ڪئي. جنهن رازدارانه نموني چنيسر کي ٻڌايو ته ڪئونرو پنهنجي قوت کي آزمائڻ لاءِ سندس دل جيتڻ ٿي چاهي. چنيسر پنهنجي وزير جي اهڙي اطلاع ڏيڻ ۽ ڪئونروءَ جي اهڙيءَ هلت جي ڪري ڪاوڙ ۾ ڏاڍو اڻنگو جواب ڏنو. ڪئونرو،جيڪا اٽل ارادو ڪري آئي هئي، هن قسم جي رڪاوٽ کي ڪابه اهميت ڪانه ڏني. پوءِ هن ٻانهيءَ جو ويس ڍڪي، چنيسر جي محلات ۾ نوڪري ورتي ۽ چنيسر جي راڻيءَ ليلان سان واقفيت پيدا ڪري ورتي. ان ڪان پوءِ ليلان کي هن نَو لکي، هيرن جي هار ڏيڻ جي لالچ ڏني. پر ڪيس اهو هار انهيءَ شرط تي ڏيڻ قبوليو ته ليلان ڪيس فقط هڪ رات لاءِ چنيسر سان گڏ گذارڻ جي اجازت

ڏيندي. هڪ رات ليلان حرفت هلائي چنيسر کي ڪئونروءَ جي رهائشگاه ڏانهن موڪلي چڏيو. چنيسر نشي ۾ مست هو ۽ ڪئونرو جي لاڏ ڪوڏ تي موهت ٿي پيو. ڪئونروءَ جي ماءُ جنهن ڪئونروءَ سان هن ڪيڏ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو هو، تنهن بئي ڏينهن چنيسر کي چيو ته جيئن ته ليلان هيرن جي هار جي بدلي توکي ڪئونروءَ جي حوالي ڪيو آهي، تنهن ڪري هو ڪئونروءَ کي هاڻي پنهنجي زال سمجهي. چنيسر ليلان جي ان خراب نيت تي ان کي ڏوهي سمجهيو ۽ ڪئونروءَ جي چالاڪيءَ کان به واقف ٿيو جنهن سان هن ڪيس ماٺي ورتو هو. ڪاوڙ ۾ اچي هن ليلان کي پنهنجي گهران ڪڍي چڏيو ۽ ڪيس بيوفا زال هجڻ جي ڪري ڏهاڳ ڏئي چڏيو.

ليلان جي ليلائڻ ۽ ايلازن منٿن جي باوجود به ڪيس پاڻ وٽ رکڻ کان انڪار ڪيو. ليلان چنيسر متعلق شاعري ليلان جي ان غلطي متعلق آهي، جڏهن سندس اٽڪل بازي سندس ئي مٿي ۾ لڳي ۽ پنهنجيءَ غلطي کان هيءَ پنهنجي مڙس جي محبت وڃائي ويٺي.

Gul Hayat Institute

# سر ليلان چنيسر

## پهريون داستان

داغ تنهنجو داسڙا جيري مٿي جن،
تون ڪئَن مٿان تن، چنيسر چِٽُ ڪٽين؟

I
Lilan.
How comes it thus that thou dost spurn
The thought, Chanesar, from thy mind
Of them whose vitals thou hast pierced,
O Dasro prince? Speak comfort kind.

تان ڪا وائي وار، دلاسي جي داسڙا،
تون منهنجو وَلهو، آءٌ تو ۾ طمعدار،
ڏَڪي ڏول گذار، لڄ منهنجي لوڪ ۾.

Thou art my lord and I have need
Of thee. O friend, expose me not



Gul Hayat Institute

To people's scorn. My husband, love,
Drive me not off. I humble am.

ڊولیا ڊیل مَ مون، ڪانڌ ڪميٽي آهيان،
سڪ تنهنجي سپرين پيري وڌيس پُون،
مون ور تونهين تون، تو ور وَهونُ ڪيتريون.

Thy love, O love, with blows it gives
Hath feeled me to the ground. Thou art
My one spouse! Thou hast many wives.

ڊوليا ڪڄاڙئان، ٻولايو ٻوڏُ چئين؟
آءٌ تو پيراندیان، ڪَرَ موڙيو وَرَ اُٿيان.

O love, when thou hast made me speak
Thou speak'st me in insulting strain.
Why is this so? Beside thy feet
I sit, I fidget, stand again.

مٺئين اُتي موهجي موڙهي ڪيَهُءِ مرڪ،
چئي چنيسر چام سين وڌو تو فرق،



Gul Hayat Institute

وري ويو ورقُ، ايءُ ڏَنءُ ڏهاڳ جو.

Sayid.

O fool, the trinket tricked thy sense
To set thee boasting over there.
Thy promise made, Chanesar's love
Thy lord's thou didst asunder tear.
The page once more is turned o'er.
Disgrace's brand on thee is pressed.
The trinket's tracery indeed
Thy foolish mind hath quite obsessed.

چي: مٽئين مٿي جي هوا، تن چٽن ڦيريم چِت،
چان: هار ڪٽنديس هوڏ ۾، نيبہ ٿيندم نت،
پر ڪُونروءَ جو ڪِرتُ، مونهان مٿاهون ٿيو.

Lilan.

The necklace I'll make sure to win,
I told myself, and it will be
A keepsake for me all my life.
But Kaunru's craft outwitted me.



Gul Hayat Institute

لِيلان حِيلا ڇڏ، جي تون صحبي سڪئين!
پائي پاند ڳچيءَ ۾ پاڻ غريبيءَ گڏ،
هڏ نه چوندئي لڏ، جي ڪارون آڻيندينءَ ڪانڌ ڪي.

Sayid.
O Lilan, stop thy tricks, good girl.
Wrap round thy neck thy garment: so
Thyself enhumble. Then thy spouse
On thy complaints will not say, 'Go'.
O Lilan, if on thy behest
Thou gettest nothing, still beseech.

جي ليلائي نه لهين، تان پڻ ليلائيج،
آسرو مَ لاهيج، سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو.

Cease not from hoping, for thy friend
Hath plenteous mercy in his reach.

ڪارون ڪري ڪانڌ کي روئي ريجهائيج،
ليلان ليلائيج، اَٺئي ماڳ منٿ جو.



Gul Hayat Institute

Weep, make complaint before thy lord
And try to please him. Beg, request.
Entreaty's place is there for thee.

لَکَڻَ ڪيم لکيج، جئن مون موراهِين ناه ڪو،
مون کي ملهائيج، وَارو ڏيئي وَلها.

Lilan.
Count no great virtues in my test:
It is as if I none such had.
Show favour, spouse. Now comes my lot.
Let not another girl coquet
With Lord chanesar. When I thought,
With heart full deeply later on,
I knew the place for humble lives
Is here. His anger quickly turns
The lucky into luckless wives.

پيو داستان

Gul Hayat Institute

اَوگڻ ڪري اَپار، تو در آيس داسڙا!
جي تو رسڻ جُون روح ۾، ته مون پيڙي ناه پَتارَ،
سائينءَ لڳ ستار، ميٽ مدايون مُنهنجون.

II

Lilan.

With sins committed past all count,
O Dasro, to thy door I'm come.
If thou to sulking art inclined,
My place is not within thy home.
O Coverer, for the Lord, erase
The evil doing of my days.

جيڪس ڪم سندامِ، جوٺا ڏٺا جيڏئين،
ڪلن سپ مقامِ، ساهيڙيون سرتيون.

Gul Hayat Institute

Perhaps these evil deeds of mine
The girls of mine own age did see.
For all my friends of equal age,
Are making laughing-sport of me.

نڪي ٻانُهنِ ۾، نڪي ڳِرِ هئوم،
نڪا سِينڌِ، نه سرمون، نه سِينگارُ ڪيوم،
تيلانِهن ڪانڌُ سندوم، رُڳوئي رَءِ گهڙيو.

On arm I did no armlet wear:
My neck of necklaces was bare.
Mine hair I did not comb: nor put
Upon mine eyes antimony,
Nor deck myself. For this alone
Mine husband sought me verily.

سونا ڪَرَ ڪنن ۾، ڳچيءَ ڳنان هار،
ٻانهوٽا ٻانهن ۾، سينڌ سٽيا وار،
تيلان پيءَ پچار، ڪانَڌ مُنهنجي ڇڏي.

The golden rings from mine ears hung:
The necklace round my neck was strung:
Mine arms a weight of armlets bore:
My hair was done up beautifully.
For this alone it was my lord
Relinquished all his thought of me.

ٿڙڪي پسي ٿوڪُ، ترِڪي تَڪَبر پئي،
اَڇيو اَڇيو اَڱلي، ليلان کي چئي لوڪ،
اَندر اوپالن سين ساڙي ڪيائونس سوڪُ،
ٻالاپڻ جو ٻوڪُ، ويو ويچاريءَ وِسري.

Sayid.

O'erwhelmed in a vain conceit
The jewel she saw and was beguiled.
Folk come and go and comment make,
That Lilan is a stupid child.
As grass that withers, she was scorched
And parched by taunts when folk reviled.
The beauty of her childhood's day
From her, the luckless one, resiled.

هُئينءَ ته گهڻو هوشيار، ڪل به هيئي ڪانڌ جي،
تو پانيو موچاري ٿيان ٻچيءَ پائي هار،
ڪانڌُ ڪُوڙيءَ جو نه وٽي سوين پتئين سِينگارُ،
وَهم لهي وينجهار، دليون پرکي داسڙو.

Gul Hayat Institute

Sayid.
How smart you were indeed, I'm thinking!
And to know so well a husband's wiles!
You thought: 'Oh ! I'll make myself look nice
If I put the necklace round my neck.'
When a faithless wife sets herself to deck,
Let her use a hundred tricks and guiles.
She'll not please her lord for all her prinking.
It's the wise man's job to read thought's meaning.
Dasro's craft has her whims outread.

ڏاهي هيس ڏيهه ۾ سرتين منجهه سڄاڻِ،
ڪا جا پيم ڪاڻ، جئن مُنهنُ مٿاهون نه ڪڍان.

Lilan.
'I was clever enough amongst my people,
And full of tricks in the midst of my friends.
But a need has come that compels and bends
Me, so that I cannot lift my head.

Gul Hayat Institute

It is something that goes beyond my weening.

چانڪِ چڙهنديس ڪٽ تي، ريجِهائينديس راءُ،
اَهڙو ئي اَللهُ، جو پور هيتون پيش ڪري.

When I climb on the couch I shall do my charming.
God is such: the handmaidens please.'

چنيسر جي چِتَ ۾ ڪي جو اڳ هئو،
تهان پوءِ ٿيو، مٽئين سندو مامِرو.

Sayid.
To Chanesar's mind there had come some inkling
Already before the jewel-affair.

Gul Hayat Institute

سارِج سپيئي، ليلان لَڇڻ پانهنجا،
وَرَ سين وِڙهيو اُٺئين ڏوراپا ڏيئي،
نڄاڻا ڪيهي، چنيسر جي چِتَ ۾.

Lilan, in all your acts take care.
To your husband you're always a quarrel and tease
That brings reproaches with bicker and harming.

ليلان لُڇُ مَ ايترو اُٿي اَڱڻ سورِ،
اَبو ڏاڏو گهورِ، پاڻ سوڌو پرينءَ تان.

Lilan.
How can I know what Chanesar is thinking?
Sayid.
Don't fidget, O Lilan, so much but rise
And put your courtyard to rights for your love.
Of sire, sire's sire make a sacrifice,
Yourself in the selfsame offering linking.

## ٿيون داستان



Gul Hayat Institute

وڏيري هياس، ميڙو مون گهر سرتين،
هٿ ڇهندي هار جي ڪَڙي ڪُڙمِ ٿياس،
ڍولي ڍيلياسِ، آيم ڏنءُ ڏُهاڱ جو.

IV

Lilan.

I was the senior of them all:
And girl friends in their throng would come
And visit me within my house.
But when I touched the ornament
I lost the favour that I had.
I was cast out by my belov'd
And branded with the failure's brand.

هيس هندورن ۾، پيم ڪانه پروڙ،
مٽئين سندي ماڻري ڪوجهي وِڌيس ڪُوڙَ،
سامهان ٿيم سور، ويو وِلُڙي ولهو.

I used to lie on swinging cots
And did not realize my luck.
To sheer destruction was I brought

Gul Hayat Institute

By necklece's catastrophe.
Sorrows met me face to face.
My husband took himself away.

تو جو پانيو هار، سو سورن سڱڙو،
چنيسر چِٽُ ڪٽي ٿيو پورهيتِ جو پارُ،
اَٽوٽت جو اَچارُ، شال ڪانڌ ڪنهن سان مَ ڪري!

Sayid.
A string of sorrows was the thing
That thou didst for a necklace take.
Chanesar looked the other way
And made the serving-girl his friend.
Lilan.
O that my lord with none would bring
The discord of dissension here!

Gul Hayat Institute

سپيئي سهاڳڻيون سپني ڳچين هار،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي سهسين ڪن سِينگار،
ڏول تنهين جي ڏار، هيڏائي هلنِ جي.

V

Look on all the lucky wives.
All have necklets round their necks.
